www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني

عوامي سوچ

ڪراچي

چيف ايڊيٽر

حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) اربع 17 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 23 ربيع الاول 1447ھ (شمارو 337) قيمت 20 روپيا

حڪومت ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ سرگرم آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ ماڻهن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي، امدادي ڪارروائي دوران متاثرين کي نه رڳو محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو پيو وڃي

سنڌ حڪومت ماڻهن کي اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ هر ضرورت جي وقت ۾ انهن سان گڏ بيٺل آهي. سمورا سرڪاري ادارا، ضلعي انتظاميا ۽ بچاءُ ٽيمون ڏينهن رات متاثرين جي مدد ۾ مصروف آهن

گڊو ۽ سکر ۾ وڏي سطح جو ٻوڏ آهي جڏهن ته ڪوٽڙي ۾ گهٽ سطح جو ٻوڏ آهي، گذريل 24 ڪلاڪن ۾ صوبي ۾ 3,522 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو: سينيئر صوبائي وزير

صوبي ۾ 183 فڪسڊ ۽ موبائل هيلٿ سائيٽس ڪم ڪري رهيون آهن جتي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 4,174 کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو جنهن کان پوءِ علاج حاصل ڪندڙ ماڻهن جو ڪُل تعداد 92,958 تائين پهچي ويو آهي

سنڌ حڪومت پاران لائيو اسٽاڪ جي حفاظت لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن. گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 3,192 جانورن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي

گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 39,589 جانورن کي ويڪسين ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون، جنهن کان پوءِ هاڻي تائين ڪل 13,05,573 جانورن کي علاج ۽ ويڪسينيشن فراهم ڪئي وئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ ماڻهن کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي. امدادي ڪارروائي دوران متاثرين کي نه رڳو محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو پيو وڃي پر انهن جي کاڌي پيتي، طبي علاج ۽ جانورن جي سار سنڀال لاءِ به مڪمل انتظام/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف آپريشن بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

نيپرا جو حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني تي 50 ملين رپين کان وڌيڪ جو ڏنڊ لاڳو

اسلام آباد (بيورو) نيپرا حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني تي 50 ملين رپين کان وڌيڪ جو ڏنڊ لاڳو ڪيو آهي. نيپرا حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني تي فيڊر نقصانن جي بنياد تي لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جيڪب آباد ۾ شاخ ۾ گهارو پوڻ وارين خبرن تي ڊي جي پي ڊي ايم اي پاران بيان جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل صوبائي ڊزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) سلمان شاهه ميڊيا ۾ ايندڙ خبرن جي وضاحت ڪندي چيو آهي ته جيڪب آباد جي آبپاشي کاتي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسرائيل جي دوري کان پوءِ آمريڪي پرڏيهي وزير اوچتو دوحا پهچي ويو

غزا ۾ جنگ جي خاتمي ۽ يرغمالين کي وطن واپس آڻڻ جي ڪوشش تي قطر جا ٿورا مڃيا

مارڪو روبيو ملاقاتن ۾ قطر جي سلامتي ۽ خود مختياري لاءِ ڀرپور حمايت جو واعدو ڪيو

دوحا (م د) اسرائيل جي دوري کان پوءِ آمريڪي پرڏيهي وزير اوچتو دوحا پهچي ويو، جتي هن قطري امير ۽ وزيراعظم سان ملاقاتون ڪيون. مارڪو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

خودمختاري تي حملو ٿيو ته هر قيمت تي دفاع ڪنداسين، پوءِ چاهي ڪهڙو به ملڪ هجي: اسحاق ڊار

جيڪڏهن مسلمان دنيا صرف بيانن تائين محدود رهي ته 2 ارب مسلمانن جي نمائندگي ڪندڙ ملڪ پنهنجي عوام جي نظرن ۾ ناڪام نظر ايندا

اسرائيل هڪ بي قابو رياست بڻجي چڪو آهي جيڪو هڪ کان پوءِ ٻئي مسلمان ملڪ جي خومختاري کي چيلينج ڪري رهيو آهي

قطر انهي حملي وقت آمريڪي ۽ مصري ثالثن سان گڏ امن ڳالهين ۾ مصروف هو ۽ انهي عمل کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اهو حملو ڪيو ويو

اهو صرف قراردادن ۽ بيانن جو وقت نه آهي، هاڻ هڪ واضح لائحه عمل جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اسرائيل پنهنجي جارحيت کي نه روڪيو ته ڪهڙا قدم کنيا ويندا

پاڪستان فوري طور تي صوماليه ۽ الجزائر سان گڏجي گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ۾ خصوصي اجلاس طلب ڪرايو ۽ جنيوا ۾ انساني حقن واري ڪونسل کي به ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زور ڀريو

فوجي قدم آخري رستو هوندو آهي جڏهن ته پاڪستان جي ترجيح هميشه امن، ڳالهين ۽ سفارتڪاري رهي آهي پر جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن ۽ جارحيت رڪجڻ جو نالو نه وٺي ته پوءِ موثر عملي قدم ضروري هوندا آهن

دوحه (م د) نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان ايٽمي طاقت آهي، خودمختاري تي حملو ٿيو ته هر قيمت تي دفاع ڪنداسين، پوءِ چاهي ڪهڙو به ملڪ هجي. قطر جي راڄڌاني دوحا ۾ عرب اسلامي هنگامي سربراهي ڪانفرنس جي موقعي تي عرب ٽي وي (الجزيره) کي ڏنل خصوصي انٽرويو ۾ اسحاق ڊار قطر تي تازي اسرائيلي حملي کي عالمي قانون، گڏيل قومن جي چارٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

شنگهائي: صدر آصف علي زرداري، خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري ۽ چيئرمين پ پ پ بلاول ڀٽو زرداري سي پي سي شنگهائي سيڪريٽري سان گڏ گروپ فوٽو

ڪچو ٻڏڻ بعد ڌاڙيلن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جو حڪم

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ وزير داخلا ضياءُ الحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

آڪٽوبر 2024ع کان ٽيڪنالاجي جي ذريعي ڪچي ۾ آپريشن تيز ڪيا ويا آهن. ڪچي ۾ انٽيليجنس بنياد تي 760 ٽارگيٽڊ آپريشن ۽ 352 سرچ آپريشن ڪيا ويا: بريفنگ

سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته امن امان هر صورت ۾ بحال ڪيو وڃي، وزيراعليٰ سنڌ ڪراچي ۾ غيرقانوني ٽينڪرن جي خاتمي جي به هدايت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پوليس کي حڪم ڏنو آهي ته درياهي ٻوڏ سبب ڪچو ٻڏي ويو آهي ۽ ڌاڙيل ٻاهر اچي ويا هوندا. انهن خلاف انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تيز ڪيو وڃي. اهڙو حڪم هن خصوصي طور گهرايل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پاڪستان جي دهشتگردي خلاف جنگ پنهنجي لاءِ نه، دنيا کي محفوظ بڻائڻ لاءِ آهي: عطاءُالله تارڙ

پاڪستان ڀارت جي گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا کي بي نقاب ڪيو، ڀارت جي بنا جواز جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو

چئن ڏينهن جي جنگ ۾ پاڪستان فتحن جي هڪ نئين داستان لکي آهي. مودي حڪومت ۽ هندوتوا نظريي کي عبرتناڪ شڪست ملي

ڀارت هڪ غاصب ۽ جارح ملڪ آهي جيڪو مظلوم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پهلگام جهڙي واقعن جي حقيقت دنيا جي سامهون ظاهر ٿي چڪي آهي

وفاقي وزير عطا تارڙ

اسلام آباد (بيورو) وفاقي اطلاعات واري وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته پاڪستان جي دهشتگردي جي خلاف جنگ پنهنجي لاءِ نه پر دنيا کي محفوظ بڻائڻ جي لاءِ آهي. انسٽيٽيوٽ آف ريجنل اسٽڊيز جي اهتمام هيٺ تقريب کي خطاب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

بلوچستان جي ڪيچ ضلعي شيربندي ۾ سينٽائيزيشن آپريشن دوران ڌماڪو، 5 فوجي شهيد

شهيدن ۾ ڪيپٽن وقار احمد، نائڪ عصمت الله، لانس نائڪ جنيد احمد، لانس نائڪ خان محمد ۽ سپاهي محمد ظهور شامل آهن

ڪليئرنس آپريشن دوران علائقي ۾ ڀارتي پراڪسي فتنه الهندستان جا 5 دهشتگرد مارجي ويا: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م د) بلوچستان جي ڪيچ ضلعي جي شيربندي علائقي ۾ سينٽائيزيشن آپريشن دوران هڪ آءِ اي ڊي ڌماڪو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ 5 فوجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نيتن ياهو دوحه تي حملي کان 50 منٽ اڳ ٽرمپ کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو: آمريڪي ميڊيا جو انڪشاف

آمريڪا کي دوحه تي ميزائل فائر ڪرڻ کان اڳ ئي حملي جي اطلاع ڏني وئي هئي

نيتن ياهو ۽ ٽرمپ جي وچ ۾ ڀريان سياسي معاملن تي ڳالهين ٿيون پوءِ فوجي اختيارين ذريعي ڄاڻ ڏني وئي

واشنگٽن (م د) آمريڪي ميڊيا انڪشاف ڪيو آهي ته اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو دوحه ۾ حماس قيادت تي حملي کان 50 منٽ اڳ ئي آمريڪي صدر کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو. آمريڪي ميڊيا 3 اسرائيلي اختيارين جو حوالو ڏيندي ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

موسمياتي تبديلي جو مسئلو سڄي دنيا لاءِ اهم آهي: سعيد غني

پاڪستان ۾ ٻيو کجور فيسٽيول منعقد ڪيو پيو وڃي، جنهن سان مقامي آبادگارن کي کجور جي پوک ۽ برآمدات ۾ بهتري جا موقعا ميسر ٿيندا

فيسٽيول خليجي ملڪن سان بهترين لاڳاپن جو ثبوت آهي، کجور جي صنعت کي ڪيترن مسئلن ۽ موسمياتي تبديلي سبب نقصان پهچي رهيو آهي

فيسٽيول سان پاڪستان جا زرمبادلا ذخيرا به وڌندا. گڏوگڏ اسرائيل تي عالمي مذمت ۽ مسلمان ملڪن جي گڏيل پاليسي تي به بحث ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) مڪاني ڪاتي واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته موسمياتي تبديلي جو مسئلو سڄي دنيا کي مسئلو آهي. پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

دوحا: وزيراعظم شهباز شريف ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پيزشڪيان سان ملاقات ڪندي، فيلڊ مارشل عاصم منير پڻ موجود آهي

پ پ چيئرمين پاران بلوچستان جي ضلعي ڪيچ ۾ آپريشن دوران 5 سيڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت تي افسوس جو اظهار

شنگهائي (م د) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلوچستان جي ضلعي ڪيچ ۾ آپريشن دوران آءِ اي ڊي ڌماڪي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وزيراعظم فيلڊ مارشل سان گڏ 25 سيپٽمبر تي آمريڪي صدر سان ملاقات ڪندو

وزيراعظم جي گڏيل قومن جي ساليانيِ اجلاس دوران صدر ٽرمپ سان ملاقات ٿي سگهي ٿي

ملاقات لاءِ ڪيل ڪوششون ڪامياب ٿينديون نظر اچي رهيون آهن

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان هن مهيني 25 سيپٽمبر تي ملاقات جو امڪان آهي. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران خان جو ايف آءِ اي ٽيم کي پنهنجي ايڪس اڪائونٽ جي هينڊلر جو نالو ٻڌائڻ کان انڪار

عمران خان جي اڪائونٽ تان رياست مخالف مواد پوسٽ ٿيڻ جي معاملي تي ايف آءِ اي سائبر ڪرائم جاچ شروع ڪري ڇڏي

ايف آءِ اي سائبر ڪرائم جي ٽي رڪني ٽيم اڊيالا جيل پهتي ۽ عمران خان سان ملاقات ڪري ان حوالي سان پڇا ڪئي، سائبر ڪرائم ٽيم جي قيادت اياز خان ڪئي

پي ٽي آءِ باني ايف آءِ اي ٽيم کان لکت سوال نامو گهري ورتو ۽ جواب وڪيلن جي موجودگي ۾ ڏيڻ تي اصرار ڪيو: ذريعا

راولپنڊي (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان جو ايڪس اڪائونٽ ڪير استعمال ڪري رهيو آهي؟ ايف آءِ اي جي ٽيم اهو معلوم ڪرڻ لاءِ اڊيالا جيل پهتي پر عمران خان ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. عمران خان جي اڪائونٽ تان رياست مخالف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان ٻوڏ ۾ نه بلڪ حڪمرانن جي نااهلي ڪري ٻڏل آهي: ڪاشف سعيد شيخ

جماعت اسلامي امير سنڌ ۾ 21 ٻوڏ متاثرين لاءِ 21 لک گهر مفت مهيا ڪرڻ واري دعويٰ کي دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ قرار ڏنو

الخدمت جي ٽيم سنڌ ۾ ٻوڏ واري امڪاني صورتحال جي پيش نظر الرٽ رهي: جماعت اسلامي امير

جماعت اسلامي نظام جي قيام، معاشري جي اصلاح، نيڪي جي فروغ ۽ برائي ۽ بي حيائي جي خاتمي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ پيپلزپارٽي جي حڪومت پاران سنڌ ۾ 21 ٻوڏ متاثرين لاءِ 21 لک گهر مفت مهيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪاشف سعيد شيخ

اسلام آباد: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ سان سوئيڊن جي سفير جي ملاقات

سنڌ ۾ نااهل حڪمرانن صوفين جي ڌرتي کي ڌاڙيلن حوالي ڪري ڇڏيو آهي: راشد خالد محمود سومرو

سنڌ ۾ بدامني انتها تي پهچي وئي آهي، اسٽريٽ ڪرائم وڌي ويا آهن ۽ اغوا براءِ تاوان جا واقعا عام ٿي ويا آهن

سنڌ ۾ حڪمراني ڪندڙ جماعت عوام کي ڪا سهولت نٿي ڏئي سگهي، مهانگائي، بيروزگاري ۽ لاقانونيت عوام جو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي

ڌاڙيلن ۽ حڪمرانن جو گٺ جوڙ آهي، چونڊن ۾ ڪرمنلزئي ووٽ ڀرين ٿا. امن لاءِ جرگا ڪيا پر پيپلزپارٽي جا سردار نمائندا شامل نه ٿيا

حيدرآباد (بيورو) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي سرواڻ علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ ۾ بدامني انتها تي پهچي وئي آهي. اسٽريٽ ڪرائم وڌي ويا آهن ۽ اغوا براءِ تاوان جا واقعا عام ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ حڪمراني ڪندڙ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حيدرآباد: راشد خالد محمود سومرو جلسي کي خطاب ڪندي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جسٽس طارق محمود جهانگيريءَ کي ڪم کان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق محمود جهانگيري کي جج طور ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس اعظم خان تي ٻڌل ڊويزن بئنچ جسٽس طارق محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وزيراعظم شهباز شريف قطر جي امير شيخ تميم سان ملاقات

ملاقات ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير به موجود هئا

پاڪستان مشڪل وقت ۾ قطر سان گڏ بيٺو آهي ۽ ڀائراڻا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا: وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف قطر جي امير شيخ تميم بن حمد الثاني سان ملاقات ۾ اسرائيلي حملي جي سخت مذمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي اي چيئرمين عهدي تان هٽائڻ جو فيصلو چيلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين اها اپيل آرڊيننس 1972 تحت داخل ڪئي آهي

اپيل ڪندڙ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي جو موجوده چيئرمين آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) چيئرمين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ طرفان عهدي تان هٽائڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جناح پاران برساتن کان پوءِ ڊينگي ۽ مليريا جي روڪٿام لاءِ سيني يوسيز ۾ اسپري مهم شروع

چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع جي هدايت تي هر يوسي لاءِ الڳ الڳ اسپري مشينون خريد ڪيون ويون

ٽي ايم سي جناح پاران 11 اسپري مشينون خريد ڪيون ويون آهن، جيڪي سيني يوسيز ۾ برابر ورهائي رهيون آهن

شهرين جي صحت ۽ حفاظت اولين ترجيح آهي، مهم ۾ عملي جي ڪارڪردگي جي نگراني به جاري آهي: چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع

ڪراچي (رپورٽر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جناح مون سون جي برساتن کان پوءِ مختلف علائقن ۾ صفائي ۽ صفائي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سيني يوسيز ۾ ڊينگي ۽ مليريا جي خلاف اسپري مهم شروع ڪئي آهي. چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

يورپي ملڪ لڪسمبرگ جو به فلسطين کي رياست طور تسليم ڪرڻ جو اعلان

غزا ۾ حالتون بگڙجي چڪيون آهن، نسل ڪشي ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن

واضح رهي ته ان کان اڳ فرانس، برطانيا، ڪينيڊا، آسٽريليا، بيلجيئم ۽ مالٽا به اهڙوئي اعلان ڪري چڪا آهن

لڪسمبرگ (م د) هڪ ٻئي يورپي ملڪ لڪسمبرگ اعلان ڪيو آهي ته گڏيل قومن جي ٿيندڙ اجلاس ۾ ٻين ملڪن جيان اسان به فلسطين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

صحت واري وزارت ڊينگي کان بچاءُ تي ڌيان ڏئي رهي آهي: مصطفيٰ ڪمال

اسپتالن جو تعداد وڌائڻ صرف عارضي حل آهي، بيمارين کان عوام کي بچائڻ لاءِ اصل حڪمت عملي روڪٿام تي ٻڌل هجڻ گهرجي

ڊينگي کي ختم ڪرڻ لاءِ صاف پاڻي تي ڪنٽرول، جديد مشينري جي فراهمي، ۽ عوامي شعور اجاگر ڪرڻ مهم جا اهم حصا ٻڌايا ويا آهن

هر سال هزارين عورتون سروائيڪل ڪينسر جو شڪار ٿين ٿيون، تنهن ڪري ويڪسينيشن لازمي ڪرائجي: صحت وارو وزير

اسلام آباد (بيورو) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال اڄ اسلام آباد ۾ قومي اينٽي ڊينگي مهم 2025 جو باضابطه افتتاح ڪيو. ان موقعي تي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو ته احتياط علاج کان بهتر آهي. صحت واري وزارت بچاءُ تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. ''اسان کي مريضن جي اسپتال اچڻ جو انتظار نه ڪرڻو پوندو، پر اسان کي انهن کي بيماري کان بچائڻو پوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صحت وارو وزير مصطفيٰ ڪمال ڊينگي کان بچاءُ واري مهم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

ٽنڊو آدم: روشن جوڻيجو اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

پ پ ايم اين اي علاؤالدين جوڻيجو جي والد ۽ پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم ۾ ڪلاسيڪل وڏيري مرحوم شاهنواز جوڻيجو جي فرزند اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو جي پاءُ ۽ پ پ ايم اين اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٻوڏ ۾ لڙهي آيل 2 هزار سال پراڻا سڪا ۽ نوادرات هٿ

لاهور (م د) پنجاب جي ضلعي ڊيرا غازي خان جي تعلقي تونسا ۾ واقع ڪوهه سليمان جي جبلن مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻن واپڊا اهلڪارن سميت 4 ڄڻا فوت

سيالڪوٽ جي ڪوٽلي لوهاران ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيو. پوليس موجب ٻوڏ سبب بجلي جي تارن جي مرمت دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب 4 ڄڻا فوت ٿي ويا

فوتين ۾ ٻه واپڊا اهلڪار به شامل آهن. جاچ ڪري رهيا آهيون ته خراب لائنن ۾ ڪرنٽ ڪيئن آيو: واپڊا اختيارين

سيالڪوٽ (بيورو) سيالڪوٽ ۾ هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو. جتي بجلي جو ڪرنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سيواڻي سناني پراڻي تڪرار تان فائرنگ، 2 سڳا ڀائر قتل

ڳوٺ شادي خان سناني جکراڻي ۾ سيواڻي سناني پراڻو تڪرار هڪ دفعو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو

هٿيار بندن فائرنگ ڪري شرف الدين سناني جکراڻي ۽ ذاڪر علي سناني جکراڻي ولد خيرالدين سناني جکراڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

دوداپور (رپورٽر) دوداپور پرسان محمد پور ٿاڻي جي حد سناني جکراڻي ۾ سيواڻي سناني پراڻي تڪرار تان هٿيار بندن جي فائرنگ جي نتيجي 2 سڳا ڀائر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سانا طرفان ايندڙ آدمشماري ۾ سنڌ جي حقيقي ماڻهن ۽ اسٽيڪ هولڊرن کي شامل ڪرڻ جو مطالبو

ايڊووڪيسي ڪميٽي جي آن لائن ويبنار ۾ مقبول هاليپوٽو، امان الله شيخ، دلشاد ڀٽي سينيئر ۽ اسد شيخ جي جي شرڪت

سال 2023 ۾ ٿيل ڊجيٽل آدمشماري ۾ سنڌ تي ڌارين جو ڪنٽرول وڌايو ويو: مقرر

ڪراچي جي آبادهڪ ڪروڙ 80 لک آهي، 40 سيڪڙو ڌاريا آهن: گڏيل قومن جي رپورٽ

واشنگٽن ڊي سي (م د) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي ايڊووڪيسي اينڊ رائيٽس ڪاميٽي (اي آر سي) پاران سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري، جعلي آدمشماري ۽ ان جا سنڌ جي مستقبل تي اثر جي عنوان سان آن لائين ويبنار ٿي گذريو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ميونسپل ڪمشنر ڪورنگي ٽائون پاران 5000 روڊ تي نالي جي اوور فلو جو معائنو

ڪورنگي ٽائون چيئرمين محمد نعيم شيخ جي هدايت تي 5000 روڊ تي نالي جي اوور فلو جو معائنو ڪيو ويو

ميونسپل ڪمشنر غلام سرور راهو پوٽو ۽ ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد يونس عملي سان گڏ موقعي تي موجود رهيا

فوري طور ڳري مشينري ۽ عملي جي مدد سان هنگامي بنيادن تي نالي جي اوور فلو ختم ڪرڻ جي هدايتون جاري

ڪراچي (رپورٽر) ڪورنگي ٽائون جي چيئرمين محمد نعيم شيخ جي هدايتن تي، ميونسپل ڪمشنر ڪورنگي ٽائون غلام سرور راهو پوٽو ڊائريڪٽر سينيٽيشن محمد يونس سان گڏ 5000 روڊ تي نالي جي اوور فلو جو معائنو ڪيو ۽ موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

غزه ۾ اسرائيل جي زميني ڪارروائي 62 فلسطيني شهيد

اسرائيل شهر تي قبضو ڪرڻ لاءِ زميني ڪارروائي شروع ڪئي آهي

اسرائيلي فوج 'لوهي مُٺي' سان دهشتگرد اڏاوتن کي ماري رهي آهي

غزه (م د) غزه شهر جي رهواسين جو چوڻ آهي ته انهن کي 'سخت ۽ مسلسل' بمباري جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جڏهن ته رپورٽون آهن ته اسرائيلي فوج پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ مريضن جي حفاظت بابت ريسرچ سمپوزيم ڪوٺايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي شاگردن کي محفوظ علاج جا علمبردار بڻائڻ سنڌن تعليم جو بنيادي حصو آهي اهڙن خيالن جو اظهار جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر امجد سراج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: ميونسپل ڪمشنر ڪورنگي ٽائون غلام سرور راهو پوٽو نالي جي اوور فلو جو معائنو ڪندي

ماهرنگ ڪيس، ايمان مزاري غير حاضر، ڪيس منتقلي جي درخواست

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ڊاڪٽر مهرنگ بلوچ جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، پر مڪيه وڪيل ايمان مزاري پيش نه ٿي، درخواستگذار طرفان ايڊووڪيٽ ايمان مزاري جي جاءِ تي اسسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

حيدرآباد: سنڌ ايمپلائيز حيدرآباد پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي

ڪراچي: چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع برسات بعد بيمارين کان بچڻ لاءِ اسپري مهم جو افتتاح ڪندي

مير بحر ٽائون ۾ رهائش پذير ماڻهن کي صاف ستري ۽ صحتمند ماحول مهيا ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: ميونسپل ڪمشنر

ميونسپل ڪمشنر پنهنجي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ڪائونسل جي ميمبرن، چونڊيل بلدياتي نمائندن ۽ بلدياتي آفيسرن ميونسپل ڪمشنر کي سالگره جي مبارڪباد ڏني

جنهن طريقي سان توهان ٽائون جي خدمت ڪري رهيا آهيو، الله پاڪ توهان کي صحت ۽ تندرستي سان گڏ ٽائون جي عوام جي خدمت ڪرڻ جو حوصلو عطا فرمائي: ڪائونسل ميمبر

اسين توهان جي سربراهي ۾ ٽائون جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪلهي سان ڪلهو ملائي اوهان سان گڏ آهيون: بلدياتي آفيسرن پاران خيالن جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) ميونسپل ڪمشنر موڙرو مير بحر ٽائون الهي بخش سيال چيو آهي ته مير بحر ٽائون ۾ رهائش پذير ماڻهن کي صاف ستري ۽ صحتمند ماحول مهيا ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ميونسپل ڪمشنر سان ڪائونسل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڪي اليڪٽرڪ پاران حب پمپنگ اسٽيشن تي اوچتو بجلي جو وڏو بريڪ ڊائون ٿيو: ترجمان واٽر ڪارپوريشن

ڪي اليڪٽرڪ جي بريڪ ڊائون سبب حب پمپنگ اسٽيشن تي اوچتو فني خرابي، پاڻي جي لائين اوور فلو ٿي وئي

سي اي او جي خاص هدايت تي هنگامي مرمت جو ڪم شروع ڪيو ويو، ٽيمون 10 ڪلاڪن تائين مصروف رهيون

مرمتي ڪم مڪمل ٿيڻ بعد حب رائزنگ مين کي چارج ڪري پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان چيو ته اڳاري جي صبح جو لڳ ڀڳ 6 وڳي ڪي اليڪٽرڪ پاران حب پمپنگ اسٽيشن تي اوچتو بجلي جو وڏو بريڪ ڊائون ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ حب رائزنگ مين جو شيل ٻاهر نڪري ويو ۽ پاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني
Daily
AWAMI SOCH
KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ
پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ
ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

اربع 17 سيپٽمبر 2025ع

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻَ واڙ، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

”پروٽيسٽ پروف“ هجڻ جو اعزاز رکندڙ اسان جا حڪمران

سنڌ جي سرڪاري ملازمن جو احتجاج، جيڪو سنڌ ايمپلائيز الائنس (SEA) جي سڏ تي هلندڙ آهي، اڄڪلهه سنڌ جي سياسي ۽ سماجي منظرنامي جو اهم حصو بڻجي ويو آهي. هي احتجاج نه رڳو ملازمن جي معاشي حقن جي دفاع جي لاءِ آهي، پر سنڌ حڪومت جي ناانصافي ۽ ملازمن سان بدسلوڪي جو واضح اظهار پڻ آهي. هن الائنس جي پليٽ فارم هيٺ صوبي جي سمورن علائقن ۾ پنشن ’سڌارن‘ جي واپسي، رٽائرمينٽ تي گروپ انشورنس جي ادائيگي، پگهارن ۽ پنشن ۾ 50 سيڪڙو واڌ لاءِ ورڪرز ڪنويڪشن ۽ ريلين جو سلسلو جاري آهي. هي الائنس سنڌ جي سرڪاري ملازمن جو گڏيل سگهارو آواز بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (PTA)، گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرز ايسوسيئيشن (GSTA)، سنڌ پروفيسرز ۽ ليڪچررز ايسوسيئيشن (SPLA)، آل پاڪستان ڪلرڪس ايسوسيئيشن (APCA)، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ايسوسيئيشن سميت ٻيا گروپ شامل آهن. جڏهن سنڌ حڪومت پاران پينشن رولز ۾ تبديلين، پگهارن ۾ گهٽتائي ۽ ٻين حقن کان انڪار خلاف ملازمن ۾ بيچيني وڌي وئي. خاص طور تي، 2024ع ۾ سنڌ سِول سروينٽس (ترميمي) ايڪٽ جي نئين پاليسي، جيڪو سرڪاري ملازمن لاءِ وڏو صدمو بڻيو. هن پاليسي نه رڳو ملازمن جي مستقبل کي خطري ۾ وڌو، پر پينشنرز لاءِ به روزيءَ جو واحد ذريعو ختم ڪري ڇڏيو.

گهڻين يا ٻين نازڪ قسم جي مشينريءَ تي ”واٽر پروف“ يا ”شاڪ پروف“ لکيل هوندو آهي. انهن تي نه پاڻي اثر ڪندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن ڌڪ يا جهٽڪي جو ڪو اثر ٿيندو آهي. پر دنيا ۾ شايد اسان جا ئي حڪمران آهن، جن کي ”پروٽيسٽ پروف“ هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. ڪيڏا به ڪٽي احتجاج ڇو نه ٿين، انهن جو اثر اسان جي حڪمرانن تي ناهي پوندو. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته، ڪنهن به سماج ۾ احتجاج طرزِ حڪمراني تي بي اعتمادي ۽ ڪاوڙ جو اظهار هوندا آهن. دنيا جي سڌريل ملڪن جا حڪمران عوام جي مزاج جي موسم جو اندازو وڌندڙ احتجاجن مان لڳائيندا آهن پر اسان جي حڪمرانن جو ته مزاج ئي نرالو ۽ ادا ئي ”اور“ آهي. هتي ڪو به عوامي مسئلو ايستائين حڪمرانن جي ڌيان تي نٿو اچي، جيستائين اهو ڪو وڏو ”اشو“ نٿو بڻجي. هاڻي ته هن ملڪ جي ماڻهن کي به اها پروڙ پئجي چڪي آهي ته وڏن احتجاجن ڪانسواءِ سندن مسئلو حل ٿيڻو ئي ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته حڪمرانن جي عوامي مسئلن کي نظر انداز ڪرڻ واري طرزِ عمل سان پاڻ ئي عوام کي احتجاج جي ترغيب ڏيندا آهن.

اسان سمجهون ٿا ته، سنڌ جي سرڪاري ملازمن جا مطالبا جائز ۽ آئيني آهن. ٻين صوبن ۾ ملازمن کي ملندڙ فائدا سنڌ ۾ نه ملڻ، پينشن رولز ۾ تبديليون، پگهارن ۾ گهٽتائي، DRA جي گهٽتائي، گروپ انشورنس جو خاتمو، گذاري ويل ملازمن جي خاندانن لاءِ نوڪري ڪوٽا جو خاتمو، ميڊيڪل الائونس، مئٽرينٽي لِيو هائوس رينٽ الائونس ۽ بينوولينٽ فنڊ جي بحالي – اهي سڀ مطالبا ملازمن جي معاشي استحڪام لاءِ ضروري آهن. خاص طور تي، پينشنرز لاءِ پينشن جو واحد ذريعو هجڻ باوجود حڪومت پاران ان کي گهٽڻ، انهن سان وڏو ظلم آهي. سنڌ حڪومت، انهن مطالبن کي رد ڪري رهي آهي، جڏهن ته ٻين صوبن ۾ اهي فائدا فراهم ڪيا وڃن ٿا. هي واضح طور تي سنڌ جي ملازمن سان امتيازي سلوڪ آهي. جنهن جي ڪري سنڌ جي ملازمن ۾ ڪاوڙ پيدا ٿيڻ فطري آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته مطالبن تي غور ڪري، پينشن رولز واپس وٺي، پگهارن ۾ واڌ ڪري ۽ فائدن کي بحال ڪري. حڪومت انتظامي تدبر جو مظاهرو نه ڪيو ته احتجاج جو دائرو وڌي سگهي ٿو. جيڪو سنڌ جي سيني شعبن کي متاثر ڪندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت ۽ سرڪاري ملازمن جي اتحاد کي فوري طور تي ڳالهين ذريعي حل ڳولڻ گهرجي. سنڌ حڪومت کي ملازمن جي جائز مطالبن کي تسليم ڪرڻ سان گڏ، ملازمن جي حقن جي تحفظ لاءِ پاليسيون جوڙڻ گهرجن. صرف ۽ صرف ان طريقي سان ئي، انتظامي سرشتي کي مضبوط ۽ عوامي خدمتن کي بنا ڪنهن، رخني، رڪاوٽ ۽ تعطل جي جاري رکي سگهجي ٿو.

پاڪستان جو وڌندڙ عالمي معيار!!!

وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته جنگ ۾ ڀارت کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ دنيا ۾ پاڪستان جو وقار وڌيو آهي، پاڪستاني سپاهين تمام گهڻ وقت ۾ دشمن کي اهڙو سبق سيکاريو جو دشمن جون متيون منجهي ويون آهن. وزير اعظم مطابق، صدر ٽرمپ ڪيترائي ڀيرا پاڪ_ڀارت جنگ بندي ۾ پنهنجي ثالثي ڪردار جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن ڪري هي پاڪستان لاءِ هڪ وڏي سفارتي ڪاميابي پڻ آهي، وزيراعظم پاران ڪابينا توانائي ڪميٽي جي اجلاس کي خطاب، لاهور ريلوي اسٽيشن تي پاڪ بزنس ايڪسپريس ٽرين جو افتتاح، ۽ انساني اسمگلنگ خلاف عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾، پاڪستان جي وقار ۾ واڌ بابت بيان ڪيل نقطا اهميت رکن ٿا جن جو عڪس نمايان نظر اچي رهيو آهي. پاڪستان هن وقت گڏيل قومن سميت بين الاقوامي تنظيمن ۾ مڪمل طور تي سرگرم آهي. مختلف ملڪن مان وفدن جي اسلام آباد آمد، پاڪستاني وفدن جا مسلسل پرڏيهي دورا، تعاون ۽ پائيواري جا نوان رنگ اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته پاڪستان مستقبل قريب ۾ هڪ وڏي ۽ مضبوط طاقت بڻجي رهيو آهي. پرڏيهي معاملن واري ڪابينا جي ڊپٽي چيئرمين جي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي وفد سان ڳالهيون ۽ معاهدا پڻ ان سلسلي جو حصو آهن. پاڪستان_چين لاڳاپا معاهدي جي ٻئي مرحلي تي رابطن جي صورت ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن. پاڪ آمريڪا لاڳاپن ۾ اڳڀرائي پڻ حالات جي بهتريءَ طرف هڪ وک محسوس ٿي رهي آهي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران فيلڊ مارشل عاصم منير کي رات جي ماني جي دعوت ڏيڻ کي سفارتي حلقن ۾ اهم سمجهيو ويو. جڏهن ته مخالف ڌر به ڀارتي پارليامينٽ جي هيٺين ايوان لوڪ سڀا ۾ پنهنجي انداز ۾ ان واقعي جو حوالو ڏنو. پاڪ_ڀارت جي چئن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ ڀارتي اپوزيشن جي بار بار مطالبي تي سڏايل اجلاس ۾ پهلگام حملو رافيل جهاز کي ڪيرائڻ ۽ تڪراري آپريشن مهاديو جهڙا معاملا اهم هئا. مخالف ڌر جي اڳواڻ راهول گانڌي چيو ته جيڪڏهن مودي ٽرمپ جي درخواست تي جنگ بندي جو اعلان نه ڪيو ۽ ڀارتي جهاز نه ڪيرايا ويا ته پوءِ ڪيس ٽرمپ کي ڪوڙو چوڻ گهرجي. هن چيو ته ٽرمپ 29 ڀيرا دعويٰ ڪئي ته هن جنگ بندي ڪرائي آهي. جيڪڏهن مودي ۾ همت آهي ته ڪيس هن ايوان ۾ آمريڪي صدر جي بيان کي ڪوڙو چوڻ گهرجي. ڀارتي ايم پي امريندر سنگهه چيو ته هن پاڻ پنجاب ۾ رافيل جهاز کي ڪريش ٿيندي ڏٺو هو ايوان ۾ تباهه ٿيل جهاز جون تصويرون به ڪٽي آيو. ڀارتي گهرو وزير اميت شاهه اهو پراڻو مذاق ڪٽي آيو ته اسان وٽ ثبوت آهن. ان مطابق تي پاڪستاني دهشتگرد مارجي ويا جن مان پاڪستاني چاڪليٽ مليا هئا. هن دعويٰ ڪئي ته دهشتگردن وٽان پاڪستاني ووٽر شناختي ڪارڊ به مليا آهن. جڏهن ته پاڪستان ۾ ڪو به ووٽر شناختي ڪارڊ اسٽب ناهي ۽ ڪو به دهشتگرد پنهنجي سڃاڻپ ڪارڊ سان واقعي واري هنڌ تي نه ويندو آهي. هندستاني وزيراعظم نريندر مودي پنهنجي خطاب ۾ دعويٰ ڪئي ته ڪنهن به عالمي اڳواڻ هندستان کي پنهنجي ڪارروائي بند ڪرڻ لاءِ نه چيو آهي. لوڪ سڀا ۾ ڳالهائيندي، هندستاني وزيراعظم دعويٰ ڪئي ته 22 اپريل جي رات، جڏهن هن آمريڪي نائب صدر سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ته هن خبردار ڪيو ته پاڪستان هڪ وڏو حملو ڪرڻ وارو آهي، مون جواب ڏنو ته جيڪڏهن هي انهن جو منصوبو آهي، ته پوءِ انهن کي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. مانيڪا گانڌي جي سوال جو ڪو به سنجيده جواب نه ڏنو ويو ته پهلگام جهڙي حساس جڳهه کي غير محفوظ ڇو رکيو ويو آهي. اهي اهڙا جواب هئا جن سان هندستاني پاڻ به مطمئن نه ٿي سگهيا. اهو سڀ هوندو جيڪڏهن هندستاني حڪمران، علائقي کي جنگ جي باهه ۾ اڇلائڻ بدران، پنهنجي ۽ علائقي جي مفاد ۾ پاڪستاني نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي جامع ڳالهين جي آڇ سان اڳتي وڌن. ۽ گڏجي ويهن ۽ برصغير جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ ڪوشش کي ڪامياب بڻايو.

اعجاز ممنائي

پاڪستان ڊگهي عرصي کان عالمي سطح تي هڪ فرنٽ لائن رياست رهيو آهي ۽ آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ ايندڙ تڪرار ۾ هڪ جيو پوليٽيڪل هاٽ اسپاٽ بڻيل آهي. هي هڪ نازڪ صورتحال آهي جنهن پاڪستان کي هڪ خطرناڪ رستي تي هلڻ تي مجبور ڪيو آهي، ۽ اهو رستو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي قومي مفادن جي حفاظت لاءِ تمام گهڻو چئلينجنگ بڻجي ويندو آهي. پاڪستان ۽ چين گذريل ڪجهه ڏهاڪن ڪان هڪ خاص ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪي باهمي اعتماد، اسٽريٽجڪ تعاون ۽ گڏيل ترقياتي مقصدن تي ٻڌل آهن. ٻئي طرف، پاڪستان آمريڪا جو هڪ اهم غير نيٽو اتحادي پڻ رهيو آهي، چاهي اهو دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ هجي يا سرد جنگ دوران هجي. ساڳي ريت ٻطرفي تعاون جي هڪ نمايان مثال چين_پاڪستان اقتصادي راهداري (سي پيڪ) منصوبو آهي، جيڪو 2013 ۾ شروع ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ انهيءَ منصوبي پاڪستان ۾ توانائي جي بنيادي ڍانچي ۽ صنعتن ۾ 62 ارب ڊالر کان وڌيڪ سيڙپڪاري ڪئي آهي، جنهن سان لڳ ڀڳ 120,000 مقامي نوڪريون پيدا ٿيون آهن ۽ بجلي جي کوٽ کي تقريباً 30 سيڪڙو گهٽايو ويو آهي. گوادر، رشڪئي ۽ ڌابيجي ۾ خاص اقتصادي زون، هاءِ وي ۽ پاور پلانٽ منصوبي جا اهم حصا آهن جن چيني ۽ پاڪستاني سيڙپڪارن کي راغب ڪيو آهي. اسلام آباد ۽ بيجنگ اهڙا مالي طريقا متعارف ڪرايا آهن جيڪي رعايتي فنانسنگ تي ٻڌل آهن ۽ انهن جي بنياد ۾ استحڪام آهي. تازي معاهدي ۾، چين پاڪستان جي قرض مان 3.4 بلين ڊالر رول اوور ڪيا، مرڪزي بينڪ جي ذخيرن مان 2.1 بلين ڊالر ري فنانس ڪيا، ۽ 1.3 بلين ڊالر جي ڪمرشل قرض جي ٻيهر جوڙجڪ ڪئي. هن قدم ذخيرن کي آءِ ايم ايف جي گهرجن کان مٿي رکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ پاڪستان کي مالي گنجائش فراهم ڪئي. هن قسم جي قرض جي انتظام جي ماڊل مان ظاهر ٿئي ٿو ته چين صرف پنهنجن مختصر مدت جي مفادن تي ڌيان نه ٿو ڏئي پر پاڪستان جي ڊگهي مدت جي اقتصادي خوشحالي تي به ڌيان ڏئي ٿو. اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته جڏهن پاڪستان_آمريڪا لاڳاپن جو هڪ دوستانه پهلو آهي، اپريل 2023 ۾ آءِ ايم ايف جي توسيع ٿيل فنڊ سهولت (7 ارب ڊالر) جي منظوري ۽ مئي 2025 ۾ ان جي پهرين جائزي جي اجلاس لاءِ ان جي حمايت واشنگٽن ۽ بيجنگ ٻنهي سان پاڪستان جي عملي ۽ متوازن سفارتي انداز کي ظاهر ڪري ٿي. پاڪستان بار بار زور ڏنو آهي ته هو چين پاران مهيا ڪيل ترقياتي ڍانچن کي ترجيح ڏئي ٿو چاڪاڻ ته اهي خودمختياري جو احترام ڪن ٿا ۽ باهمي فائدن ڏانهن وٺي وڃن ٿا. پاڪستان هميشه کان گهڻ طرفي عالمي فورمن ۾ چين جي اڳواڻي ۾ ايندڙ "گلوبل سائوٿ سان هم آهنگي" جي ماڊل جي تعمير جو مضبوط حامي رهيو آهي. 2024 ۾، پاڪستان باضابطہ طور تي برڪس جي ميمبرشپ لاءِ درخواست ڏني، جنهن کي چين جي حمايت حاصل هئي، ۽ شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي ميزباني ڪئي. انهن قدمن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان هڪ اهڙي بيانيي کي فروغ ڏيڻ چاهي ٿو جيڪو آمريڪا جي اڳواڻي ۾ عالمي نظام کان مختلف هجي. پاڪستان چيني اصطلاحن کي اختيار ڪيو آهي جهڙوڪ برابري واري ترقي، قرضن ۾ رليف، علائقائي رابطي، ۽ بين الاقوامي سطح تي چيني منصوبن ۾ "فائدي حاصل ڪندڙ" ۽ "ڪو_ڊزائنر" ٻنهي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

پاڪستان جي معيشت ٽن مکيه ٿنڀن تي بيٺل آهي جنهن ۾ سي پيڪ، آءِ ايم ايف سان مالي معاهدا، ۽ مختلف ملڪن سان آزاد واپاري معاهدا (ايف ٽي اي). اهي ٽئي عنصر جيو بيلنسنگ ۾ پاڪستان جي ڪوشش لاءِ ضروري معاشي بنياد فراهم ڪن ٿا. انهن پاليسين جو مقصد پاڪستاني معيشت کي متنوع بڻائڻ آهي ته جيئن ٽيڪس آمدني، برآمدات ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري کي وڌايو وڃي، نه رڳو سپر پاورز کان پر خليج، آسيان ۽ وچ ايشيائي ملڪن ڪان پڻ سٺا تعلقات جوڙيا وڃن. عالمي طاقت جي توازن ۾ هي وڏي تبديلي پاڪستان جي پاليسي سازن جي فوري ڌيان جي ضرورت آهي. ايندڙ سالن ۾ پاڪستان جيڪي فيصلا ڪندو، اهي ايندڙ عالمي نظام ۾ ان جي جڳهه جو تعين ڪندا. ان حوالي سان، اڳوڻي پاڪستاني سفير ۽ ممتاز دانشور ڊاڪٽر مليحا لودي جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي عالمي سطح تي پنهنجي اعتبار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجي پرڏيهي پاليسي ۽ سفارتڪاري ۾ "نرم طاقت" کي شامل ڪرڻ گهرجي. اهو قابل ذڪر آهي ته 2025 ۾ صدر ٽرمپ ۽ پاڪستاني آرمي چيف جي وچ ۾ ٿيل ناياب ملاقات پاڪستان ۾ آمريڪا جي نئين دلچسپي کي اجاگر ڪيو. خاص طور تي هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن ايشيا_پئسفڪ ۾ چين جو اثر وڌي رهيو آهي. پاڪستان توانائي جي معاهدن ۽ واپاري ملاقاتن ذريعي روس سان لاڳاپن کي تازو ڪيو آهي ۽ خليجي ملڪن، ايران ۽ وچ ايشيائي پاڙيسرين سان لاڳاپا وڌايا آهن. پاڪستان جو سيڪيورٽي تي توازن وارو عمل هڪ نازڪ معاملو آهي. چين چاهي ٿو ته سي پيڪ اثاثن جي سيڪيورٽي کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، خاص طور تي 2024 ۾ داسو خودڪش حملي کان پوءِ، جنهن ۾ چيني مزدور مارجي ويا هئا. JF_17 جنگي جهازن جي پيداوار ۽ ميزائل جي منتقلي ۾ تعاون ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهري فوجي لاڳاپن کي ظاهر ڪري ٿو پر اهو چيني دباءَ جو دروازو پڻ کوليندو آهي جڏهن سيڪيورٽي حملا ٿين ٿا. سرحد پار شدت پسندي، فتان الخرجيت ۽ بلوچ بغاوتون، فتان هندستاني، پاڪستاني ۽ پرڏيهي شهرين لاءِ خطرو بڻيل آهن اهي معاملا پاڪستان جي ساک کي چيلينج ڪن ٿا. تنهن ڪري پاڪستان کي پنهنجي اندروني سلامتي کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. آمريڪا_چين جي دشمني پاڪستان لاءِ هڪ پيچيده سيڪيورٽي ۽ معاشي چئلينج پيدا ڪري سگهي ٿي، جنهن جو حل هڪ "محتاط حڪمت عملي" ۾ آهي جيڪا بيجنگ سان ان جي ثابت ٿيل لاڳاپن تي تعمير ڪري ٿي پر خليج، آسيان، آفريقي ۽ وچ ايشيائي ملڪن سان لاڳاپن کي وڌائڻ تي پڻ زور ڏئي ٿي. چين سان پائيواري پاڪستان لاءِ سي پيڪ جهڙن منصوبن ذريعي بي مثال موقعا پيدا ڪيا آهن، جن ۾ انفراسٽرڪچر، واپار ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي شامل آهي، جيڪي خود انحصاري ۽ عوامي خوشحالي جو سبب بڻجن ٿا. ساڳئي وقت، ٻين طاقتن سان متوازن رابطا نه رڳو چيني سيڙپڪاري کي مضبوط ڪري سگهن ٿا پر پاڪستان جي غيرجانبدار سفارتڪاري کي به مضبوط ڪري سگهن ٿا. آخرڪار، جيڪڏهن پاڪستان چين جي ويزن تحت هڪ متوازن عالمي ڊڪ کي فروغ ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو جهڙوڪ شنگهائي تعاون تنظيم، برڪس پلس، ۽ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جهڙن گهڻ طرفي ادارن ذريعي، ته اهو اوڀر ۽ اولهه ٻنهي جي ترقي لاءِ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ عالمي سطح تي پنهنجي قدر وڌائي سگهي ٿو اهو ياد رکڻ گهرجي ته ايندڙ ٽن ڏهاڪن ۾ عالمي نظام ۾ هڪ ڊرامائي تبديلي جي اميد آهي، جنهن ۾ برڪس ملڪ، خاص طور تي چين، اڀرندڙ طاقتن جي طور تي ظاهر ٿيندو. خريداري طاقت جي برابري جي لحاظ کان اڳتي وڌندو، چين، هندستان ۽ روس اڳ ۾ ئي دنيا جي چئن وڏين معيشتن ۾ شامل ٿي چڪا آهن. جيتوڻيڪ آمريڪا جو زوال بتدريج ٿيندو پر هڪ ڳالهه يقيني آهي ته مستقبل جو عالمي منظرنامو بلڪل مختلف هوندو جتي ٽيڪنالاجي عالمي معاملن جي هر پهلوءَ کي هلائيندي. اولهه هاڻي عالمي طاقت جو بي مثال مرڪز نه رهندو انڪري پاڪستان کي سنڀالي سنڀالي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي

شهيد عثمان غني

حبيب الدين جنيدي

پاڪستان ۾ آزاديءَ کان وٺي پورهيت تحريڪ هميشه ئي عالمي سرمائيدارن ۽ صنعت مولود رياستي مخالفت جو شڪار رهي آهي. اسان جي ملڪ اندر جنهن به مزدور تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ، ان کي دٻائڻ ۽ پٽ سان لڳائڻ ۽ چيڀاٽڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر حقيقت اها آهي ته معاشري ۾ پورهيت طبقي اندر اهڙا فرد هميشه پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجون جانيون ته ڏئي ڇڏيون پر پنهنجي اصولن ۽ مزدورن جي حقن تي سوديبازي نه ڪئي. اهڙن ئي عظيم شخصيتن مان هڪ ناميادي شخصيت شهيد عثمان غني جي هئي، جنهن کي ڏينهن ڏٺي جو نشانو بڻائي 17 سيپٽمبر 1995ع تي شهيد ڪيو ويو.

اڄ عثمان غني جي 30هين ورسي آهي، سنڌ ڌرتي ۽ پورهيت تحريڪ جو هي لافاني ڪردار جو واسطو ڪراچيءَ جي علائقي چنيسر ڳوٺ سان هو جتي رهائش اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن تائين اهو ساڳيو ڳوٺ سندس رهائشگاهه رهيو نوڪريءَ جي شروعات مسلم ڪمرشل بئنڪ ۾ ملازمت سان ڪيائين، ملازمت دوران هو نه رڳو ملازمن سان سلهاڙيل رهيو پر پوري ريت پيپلز ٽريڊ يونين سان جڙجي ويو.

عثمان غني جلدي ئي ملازمن جي حقن جي جدوجهد ۾ اڀري سامهون آيو ۽ مزدورن جو چيمپئن بڻجي ويو. هو نيشنل فيڊريشن آف ٽريڊ يونينز ۾ منتخب ٿيو جنهن ۾ ڪيس صدر جي حيثيت سان چونڊيو ويو 1970ع کان 1990ع تائين پاڪستان جي سڀ کان وڏي مزدور تنظيم نيشنل ٽريڊ يونين فيڊريشن ۾ جنرل سيڪريٽري، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ مرڪزي اڳواڻ چونڊيو ويو.

ان دوران ڪيترائي ڏکيا مرحلا آيا، ڪيترائي احتجاجي جلسا، هڙتالون، قيد ۽ بند سندس حصي ۾ آيا، پر عثمان غني اڳتي وڌندو رهيو. ڀهريون ڀيرو ڪيس بئنڪ هيڊ آفيس ۾ گرفتار ڪيو ويو.

ان ڪانپوءِ به هو لڳاتار گرفتار ٿيندو رهيو. 1991ع جي شروعات ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر عثمان غني کي لاڙڪاڻي مان گرفتار ڪيو ويو. پر ڪجهه وقت بعد ڪيس آزاد ڪيو ويو.

مزدور اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هو هر وقت سرگرم رهيو ملڪ گير سطح تي مزدورن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هن اي پي ايس اي ڊبليو اي سي (a.p.s.e.w.a.c) جي نالي سان پرائيويٽ بئنڪن ۽ ادارن جي ملازمن جي نمائندگي ڪندڙ اتحاد جوڙي ورتو

هڙتالن ۾ سندس ڪردار نمايان رهيو. جڏهن حڪومت نجي شعبي کي وڪڻڻ شروع ڪيو ۽ مسلم ڪمرشل بئنڪ کي خانگي شعبي حوالي ڪيو ته عثمان غني کي بئنڪ جي هيڊ آفيس مان گرفتار ڪيو ويو ان ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن اندر ڪيس شاهراهِ فيصل تان وري گرفتار ڪيو ويو پوءِ ميڪلوڊ روڊ تان به ڪيس گرفتار ڪيو ويو.

عثمان غني وڏو مزدور اڳواڻ هو هن سڄي زندگي پورهيتن جي حقن لاءِ پتوڙيو ، هن پنهنجي تنظيم کي مضبوط بڻايو ۽ بينظير ڀٽو جي ويجهو ٿيڻ لڳو. هو پنهنجي علائقي ۾ سماجي ڪم پڻ ڪيا، شهيد عثمان غني ڀٽو خاندان سان ويجهو رهيو ۽ بينظير ڀٽو کي به قائل ڪيو ته هو مزدورن جي جدوجهد ۾ ساٿ ڏئي.

17 سيپٽمبر 1995ع تي جڏهن هو پنهنجي گهر کان آفيس نڪري رهيو هو ته سندس تاڙ ۾ ويٺل قاتلن ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو

انا لله وانا اليہ راجعون

شهيد عثمان غني هميشه ئي جدوجهد جو ڏيئو روشن رکيو ۽ پنهنجي زندگي قربان ڪري ٻيا ڏيئا پڻ روشن ڪيا.

سندس پٽ سعيد غني پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي ساڳي سياسي ۽ تحريڪي سفر شروع ڪيو

سعيد غني به پنهنجي سياسي جدوجهد جي شروعات ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کان ڪئي، ان ڪانپوءِ هو ٽي ڀيرا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، پوءِ سينيٽر بڻيو ان ڪانپوءِ ڪيس مختلف کاتن جا قلمدان سونپيا پيا، هن مختلف کاتن ۾ ذميواريون نڀايون.

اسان کي سدائين شهيد عثمان غني جي جدوجهد ڀري زندگي ياد رکڻ گهرجي. اها حقيقت آهي ته جڏهن ملڪ ۾ آمريت جو مڪمل قبضو هو تڏهن به عثمان غني مزدور تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ پنهنجو سفر شروع ڪيو هن پنهنجي زندگي جي ڏيئي کي ڪڏهن به وسائڻ نه ڏنو

پورهيتن جي جدوجهد کي روڪڻ ڪڏهن به ممڪن ناهي، تاريخي حقيقت اها آهي ته رات ڪيتري به ڊگهي ۽ ڪاري هجي، پر صبح ضرور ٿيندي. شهيد عثمان غني جي جدوجهد پورهيتن لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ جو روشن مثال آهي ۽ سندن قربانيون تي هميشه پيٽا پيش ڪئي ويندي.

بقايا 01 ++*++*

ڪيا پيا وڃن. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت ماڻهن کي اڪيلو نه ڇڏيندي ۽ هر ضرورت جي وقت ۾ انهن سان گڏ بيٺل آهي. سمورا سرڪاري ادارا، ضلعي انتظاميا ۽ بچاءُ ٽيمون ڏينهن رات متاثرين جي مدد ۾ مصروف آهن ته جيئن وڌ کان وڌ جاني ۽ مالي نقصان بچائي سگهجي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گڊوءِ سکر ۾ وڏي سطح جو ٻوڏ آهي جڏهن ته ڪوٽڙي ۾ گهٽ سطح جو ٻوڏ آهي. گذريل 24 ڪلاڪن ۾ صوبي ۾ 3,522 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو، اهڙي طرح محفوظ هنڌن تي منتقل ٿيندڙن جو ڪل تعداد هاڻي تائين 1,73,027 تائين پهچي ويو آهي، انهن مان 469 ماڻهو اڄا تائين رليف ڪئمپن ۾ رهائش پذير آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته صوبي ۾ 183 فڪسڊ ۽ موبائل هيلٿ سائيٽس ڪم ڪري رهيون آهن جتي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 4,174 کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو، جنهن ڪان پوءِ علاج حاصل ڪندڙ ماڻهن جو ڪُل تعداد 92,958 تائين پهچي ويو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران لائيو اسٽاڪ جي حفاظت لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن. گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 3,192 جانورن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو. اهڙي طرح 4,50,571 جانورن ڪي هاڻي تائين منتقل ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 39,589 جانورن کي ويڪسين ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون. جنهن کان پوءِ هاڻي تائين ڪل 13,05,573 جانورن ڪي علاج ۽ ويڪسينيشن فراهم ڪئي وئي آهي.

بقايا 02 ++*++*

ڪرڻ تي اهو ڏنڊ لاڳو ڪيو آهي. نيپرا فيڊر نقصانن جي بنياد تي لوڊشيڊنگ ڪرڻ تي پابندي لڳائي آهي، جنهن جي ڪري 50 ملين رپين کان وڌيڪ جو ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته حيسڪو تي 4 اپريل 2024 کان وٺي 100,000 رپيا في ڏينهن جو جرمانو لڳايو ويو آهي.

بقايا 03 ++*++*

ڪنٽرول هيٺ ڪنهن به واهه ۾ گهارو نه پيو آهي. جڏهن ته صبح سوير هڪ نجي شاخ ۾ ٽن مختلف هنڌن تي گهارا پوڻ جا اطلاع مليا هئا سلمان شاهه ٻڌايو ته اطلاع ملڻ شرط اسسٽنٽ ڪمشنر فوري ڪارروائي ڪندي ٻن گهارن کي بند ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ٽئين گهاري کي بند ڪرڻ جو عمل ڊپٽي ڪمشنر جي نگراني هيٺ تيزي سان جاري آهي ان مقصد لاءِ آبپاشي عملو ۽ ڳري مشينري سان گڏ اضافي عملي کي به موقعي تي روانو ڪيو ويو آهي ڊي جي پي ڊي ايم اي موجب گهاري سبب 50 کان 60 گهر متاثر ٿيا آهن. متاثر علائقي جي رهواسين جي امداد لاءِ ريسڪيو ٽيمون، صحت کاتي جا ڊاڪٽر ۽ پيرا ميڊيڪل عملي سان گڏ لائيو اسٽاڪ جو عملو به پهچايو ويو آهي ته جيئن ماڻهن ۽ جانورن کي فوري طبي امداد مهيا ٿي سگهي هن چيو ته پاڻي جي نيڪالي لاءِ هنگامي بنيادن تي ڪم جاري آهي ۽ گهارو مڪمل طور بند ٿيڻ بعد جمع ٿيل پاڻي ٻيهر شاخ ۾ ڇڏيو ويندو سلمان شاهه عوام کي اپيل ڪئي ته هو اهڙين خبرن تي بنا سبب پريشان نه ٿين ۽ انتظاميا تي ڀروسو رکن هن وڌيڪ چيو ته چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه ۽ صوبائي وزير بحالي مخدوم محبوب الزمان جي واضح هدايتن تي متاثر عوام کي فوري رليف فراهم ڪرڻ ۽ هر هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظاميا هر وقت الرٽ آهي ڊي جي پي ڊي ايم اي چيو ته عوام ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ فوري طور ضلعي انتظاميا يا لاڳاپيل ڪنٽرول روم سان رابطو ڪن ته جيئن وقت سر مدد فراهم ڪري سگهجي.

بقايا 04 ++*++*

روبيو ملاقاتن ۾ قطر جي سلامتي ۽ خود مختياري لاءِ ڀرپور حمايت جو واعدو ڪيو آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان موجب مارڪو روبيو آمريڪا ۽ قطر وچ ۾ مضبوط ٻه طرفن لاڳاپن جي تصديق ڪئي ۽ غزا ۾ جنگ جي خاتمي ۽ يرغمالين کي وطن واپس آڻڻ جي ڪوشش تي قطر جا ٿورا مڃيا. هن قطر کي ثالثي جو ڪردار جاري رکڻ جي اپيل ڪئي ۽ چيو ته جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو ملڪ آهي جيڪو ڳالهين ذريعي جنگ ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ته اهو قطر ئي آهي.

بقايا 05 ++*++*

اجلاس دوران جاري ڪيو اجلاس ۾ وزير داخلا ضياءالحسن لنجار، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، سيڪريٽري داخلا اقبال ميمڻ، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو خالد حيدر شاهه، سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان، سي او واٽر بورڊ اسدالله خان ۽ ٻين به شرڪت ڪئي وزير داخلا ضياءالحسن لنجار ۽ آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ وزيراعلي' سنڌ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته آڪٽوبر 2024ع کان ٽيڪنالاجي جي ذريعي ڪچي ۾ آپريشن تيز ڪيا ويا آهن. ڪچي ۾ انٽيليجنس بنياد تي 760 ٽارگيٽيڊ آپريشن ۽ 352 سرچ آپريشن ڪيا ويا. جنوري 2024ع کان اڄ تائين آپريشن ۾ 159 ڌاڙيل مارجي ويا آهن. مارجي ويل ڌاڙيلن ۾ 10 سکر، 14 گهوٽڪي، 46 ڪشمور ۽ 89 شڪارپور جا شامل آهن. 823 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ 8 اشتهاري ڌاڙيل مارجي ويا. آپريشن دوران 962 مختلف قسمن جا هٿيار به هٿ ڪيا ويا. وزيراعلي' سنڌ چيو: ڪچي جي ڌاڙن جو هر صورت ۾ خاتمو يقيني بڻايو وڃي. وزيراعلي' سنڌ چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ڪچي جي علائقن ۾ ترقياتي منصوبابندي ڪئي وڃي. هن چيو: ڪچي ۾ روڊ، اسڪول، اسپتال، ڊسپينسري ۽ ٽرانسپورٽ جون سهولتون ڏنيون وڃن. وزيراعلي' وڌيڪ چيو ته ٻوڏ کان پوءِ ڪچي ۾ ترقياتي ڪم شروع ڪيا ويندا. هن چيو: گهوٽڪي_ڪندھ ڪوٽ پل ٺهڻ ڪان پوءِ سڄو علائقو کلي ويندو. وزيراعلي' چيو: ته سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته امن امان هر صورت ۾ بحال ڪيو وڃي. وزيراعلي' سنڌ ڪراچي ۾ غيرقانوني ٽينڪرن جي خاتمي جي به هدايت ڪئي. ميئر ڪراچي وزيراعلي' کي آگاهه ڪيو ته 243 غيرقانوني هائيڊرنٽس مسمار ڪيا ويا آهن. مرتضي' وهاب ٻڌايو ته 212 ايف آءِ آر داخل ڪري 103 ملوث ماڻهو گرفتار ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته هن وقت 3200 ٽينڪر ڪيو آر ڪوڊ سان رجسٽرڊ ڪيا ويا آهن. ميئر ڪراچي موجب مختلف قدمن سان واٽر بورڊ جي آمدني ۾ 60 ملين رپيا اضافو ٿيو آهي.

بقايا 06 ++*++*

ٻيو کجور فيسٽيول ملهايو پيو وڃي، جنهن سان مقامي آبادگارن کي کجور جي پوک ۽ برآمدات ۾ بهتري جا موقعا ميسر ٿيندا. هن چيو ته اسرائيل هاڻي سڄي دنيا آڏو وائکو ٿي چڪو آهي ۽ سڀ مسلمان ملڪ امڪاني طور ڪا گڏيل پاليسي جوڙيندا. اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ ٻين پاڪستان انٽرنيشنل کجور فيسٽيول ۾ مهمان خاص طور خطاب ڪندي ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو تقريب ۾ ٽريڊ ڊولپمينٽ اٿارٽي جي سي سي او محمد فيض احمد، يواءِ اي جي قونصل جنرل ڊاڪٽر بخيت العتيق ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو صوبائي وزير سعيد غني چيو ته کجور فيسٽيول جو افتتاح ڪرڻ سندس لاءِ اعزاز آهي هن چيو ته کجور فيسٽيول خليجي ملڪن سان بهترين لاڳاپن جو ثبوت آهي. سعيد غني وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ڪيترن علائقن ۾ اعلي' معيار جي کجور پيدا ٿئي ٿي ۽ هتي کجور مان بي شمار شيون تيار ڪيون پيون وڃن هن وڌيڪ چيو ته کجور جي صنعت کي ڪيترن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته موسمياتي تبديلي به ان لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي رهي آهي. سندس چوڻ هو ته حڪومت کجور ۽ ٻين شين بابت ريسرچ سينٽر قائم ڪيا آهن. کجور فيسٽيول جو مقصد ٻين ملڪن ۾ کجور جي ايڪسپورٽ کي فروغ ڏيڻ آهي. جيڪو پاڪستان جي معيشت لاءِ فائدي مند آهي. سعيد غني چيو ته هو متحده عرب امارات جي حڪومت، سفير ۽ قونصل جنرل جا ٿورا مڃي ٿو جن جي سهڪار سان هي فيسٽيول ممڪن ٿيو ۽ ان سان سنڌ ۽ پاڪستان جي آبادگارن کي واپار وڌائڻ جا موقعا مليا. هن چيو ته ان سان نه صرف آبادگارن کي فائدو ٿيندو پر پاڪستان جا زرمبادلا ذخيرا به وڌندا. صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت مڪمل طور تي هن ايڪسپو جي سهائتا لاءِ موجود آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي سعيد غني چيو ته موسمياتي تبديلي جو مسئلو عالمي آهي ۽ مختلف بين الاقوامي ماهر ۽ ريسرچرز هتي آيا آهن. جن ڪان هن اهم مسئلي بابت سکڻ جو موقعو ملندو. هڪ سوال جي جواب ۾ سعيد غني چيو ته دنيا قطر تي اسرائيلي حملي جي مذمت ڪئي آهي ۽ گڏيل قومن به ان جي مذمت ڪئي آهي. هن چيو ته هاڻي اسرائيل سڄي دنيا آڏو وائکو ٿي ويو آهي ۽ سڀ مسلمان ملڪ گڏيل پاليسي تيار ڪندا.

بقايا 07 ++*++*

5 سيڪيورٽي اهلڪارن جي شهادت تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پيپلزپارٽي جي ميڊيا سيل پاران جاري بيان موجب چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد ٿيل ڪئپٽن وقار احمد، نائيڪ عصمت الله، لانس نائيڪ جنيد احمد، لانس نائيڪ خان محمد ۽ سپاهي محمد ظهور کي خراج عقيدت پيش ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري شهيد ٿيل اهلڪارن جي بهادري جي عزم کي ساراهيو. هن شهيدن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري ڀارتي پراڪسي نيٽ ورڪ خلاف سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن جي پختي حمايت جو پڻ ورجاءُ ڪيو.

بقايا 08 ++*++*

ڪرڻ واري دعويٰ کي دنيا جو سڀ کان وڏو ڪوڙ قرار ڏيندي چيو آهي ته هڪ پاسي پنجاب ۽ سنڌ سميت سڄو پاڪستان نه ته هن وقت برساتن ۽ ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏي رهيو آهي ته ٻي پاسي وري حڪمران طبقي جي نااهلي ۽ نالائقي سبب ٻوڏ ۾ ٻڏل آهي، جنهن مان جان نجات حاصل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. قوم جي رت ۽ پگهر جي پئسن مان گڏ ڪيل اربين رپيا خرچ ڪندي مليرندي تي قبضي سان ناهيل "شاهراهِ ڀٽو" جو ڪجهہ حصو ۽ "نيوحب ڪينال" جو مينهن جي پاڻيءَ ۾ لڙهي وڃڻ جو حساب به قبضا ميئر ۽ سنڌ حڪومت کي ادا ڪرڻو پوندو. جماعت اسلامي نظام جي قيام، معاشري جي اصلاح، نيڪي جي فروغ ۽ برائي ۽ بي حيائي جي خاتمي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي. الخدمت جي ٽيم سنڌ ۾ ٻوڏ واري امڪاني صورتحال جي پيش نظر الرٽ رهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن قباء آڊيٽوريم ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي مهمات ڪميٽي جي اجلاس کي صدارتي خطاب ڪندي ڪيو صوبائي امير قباء ڪامپليڪس ۾ الخدمت فائونڊيشن سنڌ ڪاميٽي جي اجلاس ۾ پڻ شرڪت ڪئي ۽ ٻوڏ جي امڪاني صورتحال لاءِ تياري جو جائزو پڻ ورتو ان موقعي تي الخدمت سنڌ جي صدر ڊاڪٽر سيد تبسم جعفري ڪيس الخدمت پاران جاري فلاحي منصوبن ۽ ايندڙ پروجيڪٽس بابت آگاهه ڪيو صوبائي امير وڌيڪ چيو ته حڪومتي ۽ انتظامي نااهليءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته برسات کي هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مينهن جي پاڻي جو نيڪال ۽ گپ ڪڍيو نه ويو آهي. روڊن تي برسات جي پاڻي توڙي گپ جي ڪري ٽريفڪ جام معمول بڻجي چڪو آهي ۽ روڊ رستا به تباهه ٿي رهيا آهن جڏهن ته گهٽين ۽ روڊن تي بيٺل پاڻي جي ڪري مڇرن ۽ مکين جو آزار توڙي وبائي بيماريون پکڙجي رهيون آهن. ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ ۾ رڳو ڦرلٽ واري "سسٽم" کي مضبوط ڪيو آهي ۽ سنڌ ۾ 18 سالن کان موجود سندس حڪومت ڪرپشن ۾ ئي اضافو ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي ته تيل، گئس، ڪوئلي، بجلي ۽ زراعت جي دولت سان مالا مال سنڌ جي عوام اڄ غربت، بُک، بدحالي ۽ افلاس جو شڪار توڙي صاف پاڻي، صحت ۽ تعليم سميت بنيادي انساني سهولتن کان به محروم آهن.#

بقايا 09 ++*++*

ڪئي. وزيراعظم هائوس پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف ۽ قطر جي امير عرب اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي موقعي تي ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ آرمي چيف جنرل عاصم منير به موجود هئا. بيان موجب، وزيراعظم شهباز شريف 9 سيپٽمبر تي دوحا ۾ اسرائيلي حملي جي سخت مذمت ڪئي، ان کي قطر جي خودمختياري ۽ بين الاقوامي قانونن جي خلاف ورزي قرار ڏنو وزيراعظم قطر جي سربراهي اجلاس سڏائڻ جي فيصلي جي تعريف ڪئي. جڏهن ته قطر جي امير وزيراعظم شهباز شريف جو سربراهي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو وزيراعظم هائوس موجب، ٻنهي اڳواڻن خطي جي صورتحال تي ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو. ان موقعي تي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاڪستان مشڪل وقت ۾ قطر سان گڏ بيٺو آهي، ۽ پاڪستان ۽ قطر جي وچ ۾ پائيدارا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته وچ اوڀر ۾ اسرائيلي جارحيت کي فوري طور تي روڪيو وڃي، ۽ مسلم امت جي اتحاد جي اڄ اڳ کان وڌيڪ ضرورت آهي.

بقايا 10 ++*++*

اسان کي ماڻهن کي بيمار ٿيڻ کان بچائڻو پوندو. صحت واري وزارت ڊينگي کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ اثرائتي ۽ مربوط حڪمت عملي تي ڪم ڪري رهي آهي. ڊينگي هڪ سنگين مسئلو آهي جيڪو صاف پاڻي ۾ پيدا ٿيندڙ مڇرن ذريعي پکڙجي ٿو برسات ڪان پوءِ ان جي ڪيسن ۾ نمايان اضافو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تازين انگن اکرن موجب، اسلام آباد جي ٻهراڙي وارن علائقن مان 300 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جڏهن ته شهري علائقن مان 100 کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. ڊينگي مڇر جو خاتمو اسان جي ترجيح آهي. صحت واري وزارت جو شعبو تمام گهڻو اهم آهي. خدا جي پياري مخلوق صحت جي شعبي سان رابطي ۾ ايندي آهي جڏهن خدا جي مخلوق کي تڪليف ٿيندي آهي. "الله تعالي' پنهنجي مخلوق کي تمام گهڻو پيار ڪندو آهي. جڏهن توهان ماڻهو سج ۽ گرمي ۾ خدا جي مخلوق کي بيماري کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪندا آهيو. ته خدا خوش ٿي ويندو آهي. اسان کي الله جي رضا لاءِ خدا جي مخلوق جي خدمت ڪرڻي پوندي آهي. "اسان ڊينگي کي منهن ڏيڻ لاءِ مشينري ۽ سهولتون وڌائي رهيا آهيون ته جيئن مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي." هن اسلام آباد جي سيني چونڊيل نمائندن، خاص طور تي ٽنهي ايم اين ايز کي اپيل ڪئي ته هن قومي مهم ۾ مڪمل قيادت ڪن ۽ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ صحت جي وزارت جي مدد ڪن. صحت واري وزير ڊينگي مخالف مهم ۾ ڪم ڪندڙ سيني ڪارڪنن جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته توهان ماڻهو تمام اهم ڪم ڪري رهيا آهيو خدا جي مخلوق کي بيماري کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيو. صحت واري وزير عوام کي اپيل ڪئي ته ڊينگي مڇر صاف پاڻي ۾ پيدا ٿئي ٿو صحت واري وزارت پاران جاري ڪيل هدايتن تي عمل ڪريو. صحت واري وزارت ڊينگي کي منهن ڏيڻ لاءِ هر ممڪن طريقا استعمال ڪري رهي آهي. ڊينگي کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت جون ڪوششون جاري آهن اسپتالن جو تعداد وڌائڻ هڪ عارضي حل آهي، اصل حل بيماري جي روڪٿام آهي. اسان جو مقصد عوام کي بيمارين کان بچائڻ ۽ هڪ صحتمند سماج قائم ڪرڻ آهي." صحت واري وزير ورجايو ته وفاقي وزارت صحت، سيني چئلينجن جي باوجود، ڊينگي مخالف مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي. صحت واري وزير مصطفي' ڪمال چيو ته اسان سروائيڪل ڪينسر کي روڪڻ لاءِ هڪ مهم پڻ شروع ڪئي آهي. هر سال، پاڪستان ۾ پنج هزار عورتون سروائيڪل ڪينسر جو شڪار ٿين ٿيون ۽ ٽي هزار عورتون فوت ٿي وڃن ٿيون. سروائيڪل ڪينسر جي خلاف ويڪسينيشن ضرور ڪرائڻ گهرجي. جيڪي عنصر ويڪسين بابت منفي پروپيگنڊا پکيڙي رهيا آهن انهن کي خدا کان ڊڄڻ گهرجي ۽ هن نندڙي ۽ بي بنياد پروپيگنڊا کي بند ڪرڻ گهرجي.

بقايا 11 ++*++*

لڳڻ سبب 4 ڄڻا فوت ٿي ويا. اهو واقعو سيالڪوٽ جي ڪوٽلي لوهاران ٿاڻي جي حدن ۾ پيش آيو. پوليس موجب ٻوڏ سبب بجلي جي تارن جي مرمت دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب 4 ڄڻا فوت ٿي ويا، جن ۾ ٻه واپڊا اهلڪار به شامل آهن. واپڊا اختيارين چيو ته جاچ ڪري رهيا آهيون ته خراب لائين ۾ ڪرنٽ ڪيئن آيو.

بقايا 12 ++*++*

تي هدايتون جاري ڪيون ته فوري طور تي پاڻي ۽ سيوريج جي عملي سان گڏ ڳري مشينري استعمال ڪري سندس نگراني ۾ هنگامي بنيادن تي نالي جي اوور فلو کي حل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي پريشاني نه ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته ڪورنگي ٽائون انتظاميه عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. عوام کي صاف ۽ بهتر ماحول فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي ۽ ان لاءِ سڀ وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن.

بقايا 13 ++*++*

وڪيل ايمل خان مندوخيل عدالت ۾ پيش ٿيو ۽ درخواست ڪئي ته جيئن ته ايمان مزاري عدالت بابت شڪايت داخل ڪئي آهي، تنهن ڪري ڪيس کي ٻي بينچ ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته ڪٿي لکيل آهي ته ڪيس منتقل ڪيو وڃي؟ جنهن تي وڪيل چيو ته گذريل ٻڌڻي ۾ هن عدالت ڪجهه معاملا ٿيا هئا. چيف جسٽس چيو ته هن عدالت ۾ ڇا ٿيو؟ قانوني آفيسر هتي بيٺا آهن. هتي ڇا ٿيو؟ هن چيو ته وڪيل جي غير موجودگي جو ڪو به مناسب جواز نه ڏنو ويو. عدالت اسسٽنٽ وڪيل جي درخواست رد ڪري ڇڏي ۽ ڪيس جي ٻڌڻي غير معين مدت تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 14 ++*++*

لائين اوور فلو ٿي وئي. ترجمان موجب، اطلاع ملڻ تي، واٽر ڪارپوريشن جا آفيسر ۽ انجنيئرنگ ٽيمون فوري طور تي موقعي تي پهتيون ۽ صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو. واٽر ڪارپوريشن جي سي اي او جي خاص هدايتن تي، هنگامي مرمت جو ڪم شروع ڪيو ويو. جيڪو 10 ڪلاڪن جي مسلسل ڪوشش ڪان پوءِ مڪمل ڪيو ويو. ترجمان وڌيڪ چيو ته مرمت جو ڪم مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ، حب رائزنگ مين کي چارج ڪيو ويو ۽ حب پمپنگ اسٽيشن ڪان شهر کي پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وئي آهي.

بقايا 15 ++*++*

ڊ ۽ مسلمان دنيا جي خودمختاري خلاف سنگين قدم قرار ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن مسلمان دنيا صرف بيانن تائين محدود رهي ته 2 ارب مسلمانن جي نمائندگي ڪندڙ ملڪ پنهنجي عوام جي نظرن ۾ ناڪام نظر ايندا. اسحاق ڊار چيو ته اسرائيل هڪ بي قابو رياست بڻجي چڪو آهي جيڪو هڪ کان پوءِ ٻئي مسلمان ملڪ جي خودمختاري کي چيلينج ڪري رهيو آهي. اوهان لبنان، شام، ايران ۽ هاڻ قطر تي حملو ڏٺو. اها روش برداشت نه ڪرڻ جوڳي آهي. هن واضح ڪيو ته قطر انهي حملي وقت آمريڪي ۽ مصري ثالثي سان گڏ امن ڳالهين ۾ مصروف هو ۽ انهي عمل کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اهو حملو ڪيو ويو. اسحاق ڊار 57 رڪني اسلامي تعاون تنظيم جي اجلاس جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي چيو ته اهو صرف قراردادن ۽ بيانن جو وقت نه آهي، هاڻ هڪ واضح لائحه عمل جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اسرائيل پنهنجي جارحيت کي نه روڪيو ته ڪهڙا قدم کنيا ويندا. هن چيو ته پاڪستان فوري طور تي صوماليه ۽ الجزائر سان گڏجي گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ۾ خصوصي اجلاس طلب ڪرايو ۽ جنيوا ۾ انساني حقن واري ڪونسل کي به ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. انٽرويو ۾ اسحاق ڊار چيو ته فوجي قدم آخري رستو هوندو آهي جڏهن ته پاڪستان جي ترجيح هميشه امن، ڳالهيون ۽ سفارتڪاري رهي آهي. پر جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن ۽ جارحيت رڪجڻ جو نالو نه وٺي ته پوءِ موثر عملي قدم ضروري هوندا آهن جن ۾ اقتصادي پابنديون، قانوني ڪارروائي، يا علاقائي سيڪيورٽي فورس جي جوڙجڪ به شامل ٿي سگهي ٿي. پاڪستان جي ايٽمي طاقت جي حوالي سان سوال تي اسحاق ڊار چيو ته اسان جي ايٽمي طاقت صرف دفاعي صلاحيت آهي. ڪڏهن به استعمال ناهي ڪئي ۽ نه ئي ارادو رکون ٿا پر جيڪڏهن اسان جي خودمختاري تي حملو ٿيو ته اسان هر قيمت تي انهي جو دفاع ڪنداسين، پوءِ چاهي اهو ڪهڙو به ملڪ هجي. اسرائيل طرفان قطر تي حملي کي بن لادن جي خلاف آمريڪي ڪارروائي سان جوڙڻ تي اسحاق ڊار انهي کي هڪ ڌيان هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش قرار ڏيندي چيو ته دنيا کي خبر آهي ته اهو آپريشن ڪهڙو هو. پاڪستان پاڻ دهشتگردي جو سڀني ڪان وڏو شڪار رهيو آهي.

بقايا 16 ++*++*

ڪندي وفاقي وزير اطلاعات عطاءالله تارڙ چيو ته پاڪستان ڀارت جي گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا کي بي نقاب ڪيو. ڀارت جي بنا جواز جارحيت جو منهن ٽوڙ جواب ڏنو جنهن تي ڀارت جنگبندي جي درخواست ڪئي. هن چيو ته چئن ڏينهن جي جنگ ۾ پاڪستان فتحن جي هڪ نئين داستان لکي آهي. مودي حڪومت ۽ هندوتوا نظرئي کي عبرتناڪ شڪست ملي. ڀارت هڪ غاصب ۽ جارح ملڪ آهي جيڪو مظلوم بڻجڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پهلگام جهڙي واقعن جي حقيقت دنيا جي سامهون ظاهر ٿي چڪي آهي. پهلگام واقعي جي حوالي سان پاڪستان آزادانہ جاچ جي آڇ ڪئي هئي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن جي لاءِ هميشه پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان جي دهشتگردي خلاف جنگ صرف پنهنجي لاءِ نه پر سموري دنيا کي محفوظ بڻائڻ جي لاءِ آهي. عالمي اصولن ڪان پاسو ڪندڙ ڀارت مظلوميت جو ڊرامو نٿو ڪري سگهي. عطاءالله تارڙ چيو ته ڀارت جو غير ذميوارانه رويو هاڻ راندين جي ميدان تائين پهچي چڪو آهي. عسڪري ميدان ۾ شڪست کان پوءِ ڀارت هاڻ راندين جي ميدان ۾ مختلف طريقا استعمال ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان پرامن بقا تي يقين رکي ٿو. پاڪستان خطي ۾ امن استحڪام جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڪستان جا ماڻهو انهي تهذيب جو حصو آهن جتي روايتن کي اهميت ڏني ويندي آهي. وفاقي وزير چيو ته والاريل ڪشمير جي عوام جي سياسي، اخلاقي ۽ سفارتي حمايت جاري رکنداسين. اسان ڪشمير مسئلي جو گڏيل قومن جي قراردادن موجب حل چاهيون ٿا. پاڪستان خطي ۾ امن جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو.

بقايا 17 ++*++*

شهيد ٿي ويا. انٽر سروسز پبلڪ ريليشنز (آءِ ايس پي آر) موجب، شهيدن ۾ ڪيپٽن وقار احمد، نائڪ عصمت الله ۽ لانس نائڪ جنيد احمد شامل آهن. آءِ ايس پي آر موجب، لانس نائڪ خان محمد ۽ سپاهي محمد ظهور به سينيٽائيزيشن آپريشن دوران آئي اي ڊي ڌماڪي ۾ پنهنجيون جانيون وڃائي ويٺا. آءِ ايس پي آر موجب، علائقي ۾ ڪليئرنس آپريشن دوران ڀارتي پراڪسي فتنة الهند جا 5 دهشتگرد مارجي ويا.

بقايا 18 ++*++*

ته آمريڪا کي دوحه تي ميزائل فائر ڪرڻ کان اڳ ئي حملي جي اطلاع ڏني وئي هئي. اسرائيلي اختيارين آمريڪي ميڊيا کي ٻڌايو ته نيتن ياهو ۽ ٽرمپ جي وچ ۾ ڀهريان سياسي معاملن تي ڳالهيون ٿيون پوءِ فوجي اختيارين ذريعي ڄاڻ ڏني وئي. اسرائيلي اختيارين ٻڌايو ته آمريڪا صرف ڏيکاءُ ڪري رهيو آهي جيڪڏهن صدر ٽرمپ چاهي ها ته حملو روڪي سگهيو ٿي پر هن ائين نه ڪيو جيڪڏهن ٽرمپ انهي حملي جي مخالفت ڪري ها ته اسرائيل قطر تي حملي جو فيصلو ملتوي ڪري ڇڏي ها. ياد رهي ته اسرائيل 9 سيپٽمبر تي دوحه ۾ حماس قيادت کي نشانو بڻايو هو. دوحه حملي ڪان پوءِ وائيٽ هائوس جو چوڻ هو ته جڏهن اسرائيلي ميزائل فضا ۾ هئا تڏهن آمريڪا کي ٻڌايو ويو ۽ انهي وقت صدر ٽرمپ وٽ مخالفت جو موقعو نه بچيو هو.

بقايا 19 ++*++*

جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جي گڏيل قومن جي ساليانِي اجلاس دوران صدر ٽرمپ سان ملاقات ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير به شرڪت ڪندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات لاءِ ڪيل ڪوششون ڪامياب ٿينديون نظر اچي رهيون آهن. اسرائيلي حملن ۽ دوحا ۾ مسلم ملڪن جي ڪانفرنس جي تناظر ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي دوحا ۽ رياض جي دوري ڪانپوءِ 25 سيپٽمبر تي ان ملاقات جو امڪان آهي. جنهن جي ايجنڊا، وقت ۽ هنڌ کي حتمي شڪل ڏني پئي وڃي. ٻئي پاسي 23 سيپٽمبر تي آمريڪي صدر جنرل اسيمبلي اجلاس سان خطاب ڪندو ۽ صدر ٽرمپ عالمي اڳواڻن جي اعزاز ۾ روايتي آجياڻو به ڏيندو، پر ذميوار ذريعن جو چوڻ آهي ته تفصيلي ملاقات 25 سيپٽمبر تي واشنگٽن ۾ ٿيندي. ذريعن موجب ملاقات قطر ۽ سعودي عرب جي صلاح، تائيد ۽ حمايت سان ٿيندي، ايجنڊا ۾ قطر تي اسرائيلي حملن جا اثر بحث هيٺ ايندا. جڏهن ته پاڪستان ۾ ٻوڏ جي تباهڪارين ۽ پاڪ_ڀارت صورتحال تي به ويچاريو ويندو. هوڏانهن پاڪستاني سفارتخاني امڪاني ملاقات تي تبصرو يا ترديد ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي.

بقايا 20 ++*++*

مواد پوسٽ ٿيڻ جي معاملي تي ايف آءِ اي سائبر ڪرائم جاچ شروع ڪري ڇڏي. ايف آءِ اي سائبر ڪرائم جي ٽي رڪني ٽيم اڊيالا جيل پهتي ۽ عمران خان سان ملاقات ڪري ان حوالي سان پڇا ڪئي. سائبر ڪرائم ٽيم جي قيادت اياز خان ڪئي. ذريعن موجب ٽيم سوال ڪيا ته توهان جو ايڪس اڪائونٽ ڪير استعمال ڪري رهيو آهي؟ ڪٿان استعمال ٿي رهيو آهي؟ توهان پنهنجي اڪائونٽ تائين ڪنهن کي پهچ ڏني آهي؟ اڪائونٽ تان جيڪي شيون پوسٽ ٿينديون آهن ڇا توهان کي علم آهي ته اهي رياست مخالف هونديون آهن؟ ذريعن موجب عمران خان ايف آءِ اي کي ان حوالي سان ڪجهه به ٻڌائڻ ڪان انڪار ڪيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ باني ايف آءِ اي ٽيم کان لکت سوال نامو گهري ورتو ۽ جواب وڪيلن جي موجودگي ۾ ڏيڻ تي اصرار ڪيو. ذريعن موجب سائبر ڪرائم ٽيم هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تائين جيل ۾ موجود رهي.

بقايا 21 ***

عوام کي ڪا سهولت نٿي ڏئي سگهي، مهنگائي، بيروزگاري ۽ لاقانونيت عوام جو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ ٻه ڪان چار سال جي معصوم ٻارن کي اغوا ڪيو پيو وڃي. ۽ سنڌ ۾ 18 سالن کان پيپلزپارٽي حڪومتي آهي. پر عوام کي امن فراهم [illegible] پرين ٿا. امن لاءِ جرڳا ڪيا پر پيپلزپارٽي جا سردار نمائندا شامل نه ٿيا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي امن نٿا چاهين. هن چيو ته سنڌ امن مارچ ۾ عوام جي وڏي شرڪت حڪمرانن تي عدم اعتماد جو اعلان آهي. سنڌي عوام ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانن ڪان آزادي چاهي ٿي، جنهن لاءِ جمعيت علماء اسلام ڪم پئي ڪري، هن ٻيهر ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي ۽ چيو ته مرده گهوڙي کي زنده نه ٿيڻ ڏينداسين. ۽ سنڌ دشمن منصوبن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. سنڌي عوام جاڳي چڪي آهي ۽ نااهل حڪمرانن کي گهر موڪلڻ ئي حل آهي.

بقايا 22 ++*++*

جهانگيري کي ڪيسن جي ٻڌڻيءَ ڪان روڪڻ واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. ڊويزن بئنچ ميان دائود جي درخواست تي اڄوڪي ٻڌڻيءَ جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪندي جسٽس طارق محمود جهانگيري کي عدالت، سينئر قانوندان بئريسٽر ظفرالله خان ۽ اشتر علي اوصاف کي عدالتي مددگار مقرر ڪيو. جڏهن ته اٽارني جنرل کان درخواست ٻڌڻي جوڳي هئڻ بابت مدد گهري وئي. ٻئي پاسي ان فيصلي ڪانپوءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جو نئون ڊيوٽي روسٽر جاري ڪيو ويو آهي. جنهن تحت جسٽس طارق محمود جهانگيري کي سنگل بئنچ ۽ ڊويزن بئنچ ۾ ڪيسن جي ٻڌڻيءَ ڪان روڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب، 17 سيپٽمبر کان 19 سيپٽمبر لاءِ ججن جو نئون ڊيوٽي روسٽر جاري ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي لاءِ جسٽس طارق محمود جهانگيري جو نالو شامل ناهي.

بقايا 23 ++*++*

فيصلي خلاف انٽراڪورٽ اپيل داخل ڪري ڇڏي. پي ٽي آءِ چيئرمين اها اپيل آرڊيننس 1972 تحت داخل ڪئي آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اپيل ڪندڙ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي جو موجوده چيئرمين آهي. 24 مئي 2023 تي ڪيس پي ٽي اي ۾ ميمبر مقرر ڪيو ويو هو، جڏهن ته 25 مئي تي ڪيس پي ٽي اي چيئرمين طور مقرر ڪيو ويو. پي ٽي اي چيئرمين ميجر جنرل (ر) حفيظ الرحمان قانون ۽ ضابطن موجب پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. اها اپيل پي ٽي اي چيئرمين جي قانوني مقرري کي ثابت ڪرڻ لاءِ داخل ڪئي وئي آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين عدالت کي اپيل ڪئي آهي ته درخواست فوري طور ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وڃي. واضح رهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس بابر ستار اڄ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي پي ٽي اي چيئرمين کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا 24 ++*++*

کي رياست طور تسليم ڪنداسين. لڪسمبرگ جي وزيراعظم لڪ فريڊن پنهنجي بيان ۾ چيو ته غزا ۾ حالتون بگڙي چڪيون آهن. نسل ڪشي ۽ انساني حقن جون سنگين ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن. انهن حالتن ۾ يورپي ملڪن وٽ ٽڪري ۽ پائيدار امن لاءِ ٻه رياستي حل ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي. واضح رهي ته ان کان اڳ فرانس، برطانيا، ڪينيڊا، آسٽريليا، بيلجيئم ۽ مالٽا به اهو ئي اعلان ڪري چڪا آهن. جڏهن ته پرتگال جي حڪومت به ان تي غور ڪري رهي آهي. هڪ اندازي موجب گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي ايندڙ اجلاس ۾ وڌيڪ 17 ملڪ فلسطين کي تسليم ڪرڻ جو اعلان ڪري سگهن ٿا.

بقايا 25 ++*++*

جناح ٽائون رضوان عبدالسميع جي هدايتن تي، هر يوسي لاءِ الڳ الڳ اسپري مشينون خريد ڪيون ويون آهن ته جيئن سيني علائقن ۾ اسپري مهم کي هڪ ئي وقت ۾ اثرائتي طريقي سان جاري رکي سگهجي. تفصيل موجب، ٽي ايم سي جناح پاران 11 اسپري مشينون خريد ڪيون ويون آهن. جيڪي سيني يوسيز ۾ برابر ورهائي رهيون آهن. هن قدم جو مقصد شهرين کي برسات کان پوءِ بيٺل پاڻي، گندگي ۽ مڇرن جي افزائش کي روڪي بيمارين کان بچائڻ آهي. ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيئرمين جناح ٽائون رضوان عبدالسميع چيو ته اسان جي اولين ترجيح شهرين جي صحت ۽ حفاظت آهي. سيني يوسيز ۾ اسپري مهم جو هڪ ئي وقت شروع ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ٽي ايم سي جناح عوامي خدمت جي جذبي سان سرشار آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسپري مهم دوران عملي جي ڪارڪردگي جي به نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ شهرين کان درخواست ڪئي وئي آهي ته هن مهم ۾ تعاون ڪن ۽ ڪنهن به شڪايت يا تجويز جي صورت ۾ فوري طور تي ٽي ايم سي سان رابطو ڪن. چيئرمين چيو ته صفائي ۽ صحت جي حوالي سان قدم مستقبل ۾ به جاري رهندا ته جيئن جناح ٽائون کي هڪ مثالي شهر بڻائي سگهجي.

بقايا 26 ++*++*

علاءالدين جوڻيجو جي والد ۽ پ پ جي اڳوڻي ايم اين اي روشن الدين جوڻيجو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي. اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. رپورٽ موجب ٽنڊو آدم ۾ ڪلاسيڪل وڏيري مرحوم شاهنواز جوڻيجو جي فرزند ، اڳوڻي ايم اين اي محمد خان [illegible] جوڻيجو جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفي شاهه، سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني، پير پٽ سيد عبدالقادر شاهه گيلاني، ايم پي اي جام شبير علي خان، ايم پي اي حسن هنگورجو، اورنگزيب مري، اڳوڻي پ پ سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين، شاهزمان شورو، ايس ايس پي سانگهڙ عابد علي بلوچ، محمد خان جوڻيجو، غلام مرتضي جوڻيجو، جهانگير جوڻيجو، فراز ڏيرو، جاويد نياب لغاري، جاويد علي شورو، سانول ڏيرو، لالا ايوب سميت وڏي انگ ۾ مٽن مائٽن سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن ۽ شهرين سميت علائقي واسين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا 27 ++*++*

ايندڙ ٻوڏ جي پاڻي جتي پنجاب ۾ تباهي مچائي، اُتي اهو پاڻ سان گڏ قديم خزانا به ڪڍي آيو. ڊيره غازي خان جي قبائلي پٽي مان گذرندڙ ٻوڏ جا وهڪرا پاڻ سان گڏ هزارين سال پراڻا سڪا ۽ مختلف دورن جا ناياب نوادرات ڪڍي آيا آهن. مقامي انتظاميه مطابق ٻوڏ جي پاڻي مان ملندڙ سڪن ۾ ويما ديو ڪشان دور جا سڪا به شامل آهن، جيڪي لڳ ڀڳ 2 هزار سال پراڻا آهن. انتظاميه وڌيڪ ٻڌايو ته ويما ديو ڪشان دور ڪان علاوه لوڏي، تغلق، دراني، سک، مغل، برطانوي، عرب دنيا، وچ ايشيا، چين ۽ خراسان جا سڪا به هٿ آيا آهن. انتظاميه موجب سخي سرور جي ويجهو هڪ ٻهراڙي ندي ۾ وهي آيل قيمتي نوادرات مقامي ماڻهن کي مليا، جيڪي پوءِ لاڳاپيل کاتي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا. انتظاميه ٻڌايو ته هي رڳو ڌاتن جا ٽڪرا ناهن، پر قديم تهذيب جا نشان آهن. انهن سڪن جا ڊيزائن خطي جي شاندار ماضي، گذريل سلطنتن جي شان ۽ شوڪت ۽ قديم واپاري رستن جي عڪاسي ڪن ٿا. ضلعي انتظاميه تصديق ڪئي آهي ته آثار قديمه جا ماهر وڌيڪ قيمتي نوادرات جي تلاش ۾ جلد ئي هن علائقي ۾ کوٽائي شروع ڪندا. ياد رهي ته تونسا شهر کان متثين يعني اترپاسي کوهه سليمان جو جابلو سلسلو آهي. جتان برسات وقت تيز پاڻي جا وهڪرا سنڌو درياهه ۾ ڇوڙ ڪندا آهن.

بقايا 28 ++*++*

ڪانفرنس ۾ مقررن ۾ ناميارا ڏاهي دلشاد ڀٽو سينئر سينيٽر ٽيڪنوڪريٽ امان الله شيخ ايڊووڪيٽ، آدم شماري تي ڪتاب جي ليکڪ مشهود قاضي ۽ زبيست ڪراچي جي سنڌ اپباس اڪيڊمي جي ريسرچ ايسوسيئٽ سارنگ جويو شامل هئا. ڪارائتي اي آر سي جي چيئرمين ذوالفقار خواجا هلائي سانا جي چيئرمين ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو چيو ته سنڌ هزارين سالن ڪان پنهنجي تاريخ مان ٽيل لغارين کي منهن ڏيندي اچي پيئي ناميارا دانشور دلشاد ڀٽو سينئر پنهنجي ڳالهه ڪي چيو ته سنڌ ۾ ڌاري آبادڪاري ريڊ ڪلف جي دور ڪان ٿي هئي. ننڍي کنڊ جي ورهاست بعد هندستان مان لکين مهاجر پنجاب ڪراس ڪندا سنڌ پهتا. وزيراعلي کهڙو مخالفت ڪئي ته ڪيس لائو ويو 1948 ۾ سنڌي هندو آبادي تي منظم حملا ڪرايا ويا ۽ ڪراچي کي مرڪز حوالي ڪيو ويو. هن ٻڌايو ته 1941 ۾ ڪراچي جي آبادي لڳ ڀڳ 4.5 لک هئي جيڪا 1947 ڪانپوءِ تيزي سان تبديل ٿي ۽ اڄ پشاور ڪان به وڌيڪ پشتون ڪراچي ۾ آباد آهن اقوام متحده مطابق 2025 ۾ ڪراچي جي آبادي هڪ ڪروڙ 80 لک ٿيندي. جنهن مان 40 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ڌاريا آهن هن چيو ته 2023 ع واري آدمشماري سنڌين لاءِ خطري جي گهنٽي آهي. هن وقت سنڌي 60 سيڪڙو ۽ ڌاريا 40 سيڪڙو آهن. هنن جي پلاننگ آهي ته جامشورو تائين بحريا ٽائون وڌائي سنڌين کي 40 سيڪڙو تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي پلاننگ آهي. برڪ ڊاڪٽر امان الله شيخ ايڊووڪيٽ چيو ته ڌارين جي آبادڪاري ۽ جعلي آدمشماري ۾ وڏا مسئلا آهن. پر سنڌين وٽ مضبوط ادارا ناهن وڏيرا شاهي ۽ سياسي ڪمزورين سنڌ جي حق جي حاصلات ۾ وڏي رنڊڪ بڻيل آهن. هن زور ڏنو ته مڊل ڪلاس کي سياسي طور متحرڪ ٿيڻ کپي. هن چيو ته سنڌ کي نئين سوشل ڪانٽريڪٽ تحت قومي حق ڏنا وڃن آدم شماري تي ڪتاب لکندڙ ڪينيڊا رهواسي ليکڪ مشهود قاضي چيو ته دنيا ۾ آدمشماري رياستي پلاننگ لاءِ ٿيندي آهي پر پاڪستان ۾ ان کي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. 2017 ۽ 2023 جي آدمشماري ۾ سنڌ جي آبادي کي گهٽ ڏيکاريو ويو ۽ سنڌ جي حصي تي ڌارين جو ڪنٽرول وڌايو ويو. هن چيو ته ڌاريو هاڻي سنڌ جي بقا جو مسئلو آهي ۽ سنڌين کي هڪ نقطي واري ايجنڊا تي گڏ ٿيڻ کپي. نوجوان محقق سارنگ جويو چيو ته 1955 ڪانپوءِ ٻاهرين جي تعمير سان ڌارين جي آبادڪاري وڌي. 1979 ۾ افغان مهاجر اچي ويا ۽ اڄ تائين 4 کان 7 ملين ڪان وڌيڪ پشتون سنڌ ۾ آباد ٿي چڪا آهن. ان سان ئي روهنگيا ۽ بنگالي به وڏي تعداد ۾ سنڌ اندر آباد ٿيا. سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ ڳالهائيندي چيو ته سانا سنڌ جي حق جي آواز اٿاريو آهي ۽ اهو سلسلو جاري رهندو آخر ۾ ايڊووڪيسي اينڊ رائٽس ڪاميٽي جي چيئرمين ذوالفقار خواجه هڪ قرارداد پيش ڪئي جيڪا منظور ٿي جنهن مطابق سانا 2023 ع جي آدمشماري کي مڪمل طور تي رد ڪري ۽ مطالبو ٿي ڪري ته ايندڙ آدمشماري جي طريقي ۾ سنڌ جي حقيقي ماڻهن [illegible]

بقايا 29 ++*++*

ميمڻ مريضن جي حفاظت جي موضوع تي ڪوئليٽي ريسرچ سمپوزيم ۾ ڪيو هن چيو ته "اڄوڪي گڏجاڻي جي ڳالهه نه رڳو اسان جا نوجوان ڊاڪٽر نه رڳو مستقبل آهن پر اڄ کان ئي هڪ محفوظ صحت جي نظام جي لهڻ ۾ تبديلي جا نمائندا آهن هي سمپوزيم اسٽوڊنٽس وائس فار پيشنٽ سيفٽي (SVoPS) جي تحت ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ اهم موضوعن جهڙوڪ مصنوعي ذهانت جون غلطيون، ڊاڪٽرن جي ٿڪاوٽ ۽ علمي تعصب تي روشني وڌي وئي پيشنٽ سيفٽي" جي عنوان هيٺ هن پروگرام جو مقصد تحقيق جون عملي مهارتون سيکارڻ ۽ گهٽ وسيلن وارن ماحول لاءِ ميڊيڪل لٽريچر کي وڌائڻ هو ان موقعي تي ويهه کان وڌيڪ پيئر ريويو ريسرچ پروجيڪٽس پيش ڪيا ويا جن کي معزز ججز پرکيو. ججن ۾ ڪميونٽي ميڊيسن ڊپارٽمينٽ جو سربراهه ڊاڪٽر سيد تفضل حيدر زيدي، چيئرپرسن وارڊ 9 ڊاڪٽر حليم ياسمين ۽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل ايجوڪيشن جي چيئرپرسن ڊاڪٽر سيده ڪوثر علي شامل هئا.

بقايا 30 ++*++*

ٽل ٿي ويا گوٺ شادي خان سناني جکراڻي ۾ سيواڻي سناني پراڻو تڪرار ڪڏهن ٻيهر ڀڙڪي اٿيو، جنهن دوران هٿيارٻندن هٿيارن سان مخالفن تي حملو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ 2 سڳا ڀائر موقعي تي مارجي ويا. هٿيارٻندن فائرنگ ڪري شرف الدين سناني جکراڻي ۽ ذاڪر علي سناني جکراڻي ولد خيرالدين سناني جکراڻي کي قتل ڪري ويا. پوليس ۽ وارثن هتي پهچي ٻن مقتولن جا لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪري پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، جڏهن ته گهروارن ۾ ڪهرام مچي ويو آهي. ياد رهي ته هي واقعو پيار جي پرڻي تان سهراب سناني ۽ نظام دين سيواڻي ڌرين ۾ تڪرار شروع ٿيو هو.

بقايا 31 ++*++*

زميني ڪارروائي کي وڌيڪ وڌايو آهي. اڄ صبح کان اسرائيلي هوائي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 62 فلسطيني مارجي ويا آهن. قطري نشرياتي اداري "الجزيره" جي مطابق، اڄ صبح ڪان وٺي غزه ۾ گهٽ ۾ گهٽ 62 فلسطيني مارجي ويا آهن. مقامي اختيارين موجب، گهٽ ۾ گهٽ 52 غزه شهر ۾ مارجي ويا آهن. جتي اسرائيلي شهر تي قبضو ڪرڻ لاءِ زميني ڪارروائي شروع ڪئي آهي. اسرائيلي دفاع وزير اسرائيل ڪٽز 'ايڪس' تي هڪ پيغام ۾ چيو ته 'غزه سڙي رهيو آهي'. اسرائيلي فوج 'لوهي مٺ' سان دهشتگرد اڏاون کي ماري رهي آهي، اسرائيلي سپاهي بهادري سان وڙهي رهيا آهن. ته جيئن يرغمالين جي آزادي ۽ حماس جي شڪست لاءِ حالتون پيدا ڪري سگهجن.

بقايا 32 ++*++*

جي ميمبرن، چونڊيل بلدياتي نمائندن ۽ بلدياتي آفيسرن ملاقات ڪئي هن موقعي تي ميونسپل ڪمشنر پنهنجي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ڪائونسل جي ميمبرن، چونڊيل بلدياتي نمائندن ۽ بلدياتي آفيسرن ميونسپل ڪمشنر کي سالگره جي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ تمنائون پيش ڪيون ڪائونسل جي ميمبرن ۽ چونڊيل بلدياتي نمائندن چيو ته جنهن طريقي سان توهان ٽائون جي خدمت ڪري رهيا آهيو الله پاڪ توهان کي صحت ۽ تندرستي سان گڏ ٽائون جي عوام جي خدمت ڪرڻ جو حوصلو عطا فرمائي هن موقعي تي بلدياتي آفيسرن چيو ته اسين توهان جي رهنمائي ۾ ٽائون جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪلهي سان ڪلهو ملائي اوهان سان گڏ آهيون

بقايا 33 ++*++*

اجلاس جي حوالي سان ڳالهيون ڪندي چيو ته اهو صرف قراردادن ۽ بيانن جو وقت نه آهي، هاڻ هڪ واضح لائحه عمل جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اسرائيل پنهنجي جارحيت کي نه روڪيو ته ڪهڙا قدم کنيا ويندا. هن چيو ته پاڪستان فوري طور تي صوماليه ۽ الجزائر سان گڏجي گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل ۾ خصوصي اجلاس طلب ڪرايو ۽ جنيوا ۾ انساني حقن واري ڪونسل کي به ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. انٽرويو ۾ اسحاق ڊار چيو ته فوجي قدم آخري رستو هوندو آهي جڏهن ته پاڪستان جي ترجيح هميشه امن، ڳالهيون ۽ سفارتڪاري رهي آهي. پر جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن ۽ جارحيت رڪجڻ جو نالو نه وٺي ته پوءِ موثر عملي قدم ضروري هوندا آهن جن ۾ اقتصادي پابنديون، قانوني ڪارروائي، يا علاقائي سيڪيورٽي فورس جي جوڙجڪ به شامل ٿي سگهي ٿي. پاڪستان جي ايٽمي طاقت جي حوالي سان سوال تي اسحاق ڊار چيو ته اسان جي ايٽمي طاقت صرف دفاعي صلاحيت آهي. ڪڏهن به استعمال ناهي ڪئي ۽ نه ئي ارادو رکون ٿا پر جيڪڏهن اسان جي خودمختاري تي حملو ٿيو ته اسان هر قيمت تي انهي جو دفاع ڪنداسين، پوءِ چاهي اهو ڪهڙو به ملڪ هجي. اسرائيل طرفان قطر تي حملي کي بن لادن جي خلاف آمريڪي ڪارروائي سان جوڙڻ تي اسحاق ڊار انهي کي هڪ ڌيان هٽائڻ جي ناڪام ڪوشش قرار ڏيندي چيو ته دنيا کي خبر آهي ته اهو آپريشن ڪهڙو هو. پاڪستان پاڻ دهشتگردي جو سڀني ڪان وڏو شڪار [illegible]

بقايا ---- 01

مرڪزي چيئرمين علي محمد سومرو جي هدايتن تي ٺٽي ۽ ٻين شهرن ۾ ڪيترائي احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن. معصوم نياڻي سائره سومرو ڍهرڪي جي ميان ارسلان ۽ ٻين جي حويلي ۾ قيد آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته لاڳاپيل اعليٰ اختيارين فوري طور تي نوٽيس وٺن، سائره سومرو کي حويلي مان آزاد ڪرايو وڃي، ملوث ماڻهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ نياڻي جي تحفظ لاءِ فوري طور تي قدم کنيا وڃن. عبدالجبار سومرو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته معصوم ڇوڪرين تي ظلم ۽ قيد نه رڳو اخلاقي پر قانوني ڏوهه آهي، جنهن تي جيڪڏهن فوري طور تي ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. سائره سومرو جهڙي مظلوم نياڻي کي انصاف نه ملڻ تائين خاموش نه ويهنداسين. احتجاج ۾ عبدالباسط سومرو، عبدالبصير سومرو، علي حيدر سومرو، محمد پنهل، عبدالستار سومرو، پرويز ساجد ارسلان، عبدالحق ملوڪ سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ سخت نعريبازي ڪئي.

بقايا ---- 02

موجب دنيا جي ٻين ملڪن وانگر پاڪستان ۾ به صحافتي آزادي پنجاهه ورهين ۾ هيٺين سطح تي پهچي وئي آهي يونين جي عهديدارن جو چوڻ هو ته ملڪ ۾ صحافت ڪيترن بحرانن جو شڪار آهي رياستي طاقت ذريعي اظهارِ راءِ کي دٻايو پيو وڃي ۽ قانونن کي هٿيار بڻائي صحافين کي نشانو بڻايو پيو وڃي حڪومتن جي دٻاءَ سبب اخبارن جي اشاعت جا خرچ وڌي ويا آهن ۽ سرڪاري اشتهارن جي بندش پرنٽ ميڊيا کي سخت متاثر ڪيو آهي، جڏهن ته اليڪٽرانڪ ميڊيا سياسي اثر ۽ ڪارپوريٽ گرفت ۾ جڪڙيل آهي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ميڊيا مالڪ صحافين جو استحصال ڪن ٿا، مهينن تائين تنخواهون روڪي رکن ٿا، روزگار ۾ بيچيني وڌي وئي آهي ۽ اختلاف ڪندڙ صحافين کي بليڪ لسٽ يا برطرف ڪيو وڃي ٿو سخت مهانگائي سبب صحافين لاءِ پنهنجن خاندانن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ به مشڪل ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ڪيترائي صحافي اهو شعبي ڇڏي وڃڻ تي مجبور ٿي ويا آهن پي ايف يو جي ورڪرز جي سيڪريٽري جنرل راجا رياض ۽ ڪي يو جي ورڪرز جي صدر فواد محمود حڪومت کان گهر ڪئي ته صحافت ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا ---- 03

ليٽس گهٽجڻ جي علامتن سان اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر ديال. هر روز نون ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي. جڏهن ته موجوده سهولتيون مريضن جي وڌندڙ انگ لاءِ ناڪافي ثابت ٿي رهيون آهن اسپتال ۾ بيڊن جي کوٽ هجڻ ڪري ڪيترن ئي مريضن کي ڪرسين تي ويهاري علاج هيٺ رکيا ويا آهن. علائقي واسين ضلعي انتظاميا ٿرپارڪر ۽ صحت کاتي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فوميگيشن مهم هلائي وڃي ۽ اسپتال ۾ ڊينگي وارڊ لاءِ وڌيڪ سهوليتون فراهم ڪيون وڃن. ٻئي پاسي صحت کاتي جي آفيسرن دعويٰ ڪئي آهي ته ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪليون ويون آهن ۽ ڊينگي جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. پر مقامي ماڻهن موجب اڃان تائين عملي سطح تي ڪا به اهم ڪارروائي نظر نٿي اچي.

بقايا ---- 04

جي ڪنٽرولر علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي درخواست تي، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي تحت 15 سيپٽمبر کان ٿيندڙ امتحانن کي منصفانه ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ فوري طور تي قائم ڪيل امتحاني مرڪزن گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول صغير ڪالوني جهڏو، گورنمينٽ اپوا هاءِ اسڪول ميرپور خاص ۽ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڏگهڙي جي آسپاس ۾ غير قانوني سرگرمين تي قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏي آهي. جيڪي امتحانن تائين منجهند 2 وڳي کان شام 5 وڳي تائين هوندا. ڪمشنر لاڳاپيل پوليس اسٽيشنن جي ايس ايڇ اوز کي خلاف ورزي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار ڏنو آهي.

بقايا ---- 05

ڪندي دانهيو ته منهنجي پيءُ ماءُ مونکي جڳهه لکي ڏني آهي، جنهن ۾ پنجاهه سالن کان ان جڳهه ۾ رهندي آهيان. هن چيو ته مڙس محمد حسن پنهنجي پائرن محمد بخش سومرو، امتياز سومرو، ممتاز سومرو، منظور سومرو ۽ ٻين کي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ ڪوهارا مان لڏائي پاڻ وٽ رهايو. جن جون شاديون منهنجو سون کپائي ڪرايون پر هاڻي جان جا ويري بڻجي ويا آهن. هن چيو ته ڏير محمد بخش سومرو، امتياز سومرو ۽ ٻين ڏوڪري ويجهو پنهنجي جڳهه وني 20 سالن کان اتي رهائش پذير آهن، پر هاڻي بااثر ماڻهو پلاٽ خالي ڪرائڻ لاءِ ڏيرن کي استعمال ڪري رهيو آهي، جيڪي مون کان جڳهه جو حصو ڏيڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن. هن چيو ته ڏوڪري پوليس منهنجن ڏيرن ۽ بااثر جي ڌر بڻجي تنگ ڪندي زبردستي گهر ۾ گهڙڻ سميت منهنجي پيرسن مڙس کي گرفتار ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پوليس جمعدار گهر تي اچي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ته جوابدارن کي حصو ڏيان جيڪو سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي. هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته مونکي ڏيرن ۽ بااثر کان تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ---- 06

وقت کان سٽل ڏسي گرائونڊ جي هڪ چوڪيدار جڏهن سندس ويجهو وڃي ڪيس اٿاريو ته هو مئل هيو ستي گرائونڊ انتظاميه اهڙو اطلاع ڪنديارو پوليس کي ڏنو ڪنديارو پوليس لاش تحويل ۾ وٺي سندس وارثن کي اطلاع ڏيندي لاش تعلقه اسپتال ڪنديارو پهچايو آخري اطلاعن تائين موت جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو هيو.

بقايا ---- 07

۾ ادا ڪيي ويي نماز جنازا ۾ پ پ ضلع ڪايونسل ميمبر پير امجد جان سرهندي پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاه جو فرزند سيد عون محمد شاه منظور قايم خاني سيد اسلم شاه سردار غلام رسول ڏونڪايي اڳوٽون ضلع ڪايونسل ميمبر غلام محمد ڪپري اڳوٽون يوسي وايس چيئرمين فتح ڪپري ڪانيو خان چانڊيو محمد موسا شاهاڻي محمد شريف شاهاڻي محمد نواز ڪاچيلو واحد مهر غلام رسول راڄڙ نور محمد راڄڙ غلام مصطفيٰ بنگلاڻي مدثر ڪونڙيو صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي اياز بنگلاڻي لعل بخش خاصخيلي نويد ڪمار کيول سرماڻي ۽ ٻين علايقي جي معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي سندس مڙهه کي سوين آلين اکين سان سيد شاه علي شاه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس تڏو ڳوٺ محمد اسلم شاهاڻي ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جوسلسلو جاري آهي هونهڏان سي ايم او عمرڪوٽ سيد ساجد حسين شاه پ پ يوسي چيئرمين رييس نصير خان ڏونڪايي راڻا ذوالفقار راجپوت محمد بخش ڪوسو اڪمل شاهاڻي سيد ڪرم حسين شاه سيد جاويد شاه عبدالخالق آرايين رفيق دوم غفور ٻهراڻي سلطان ٻهراڻي تپيدار سڪندر سيال محمدخان شاهاڻي ٻين تڏي تي پهچي محمد اسلم شاهاڻي صحافي بشير شاهاڻي صحافي سڪندر شاهاڻي سان تعزيت ڪيي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو نوجوان محمد گل جي اڇانڪ وڇوڙي تي علايقي ۾ سوڳ وار ماحول ڇانيل آهي

بقايا ---- 08

اسٽيشن ڪينجهر تي 2 ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري سندن ساٿين جي گرفتارين لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي، صحافين سان ڳالهائيندي ڊي ايس پي جهرڪ واجد ٿهيم ۽ ايس ايڇ او ڪينجهر زاهد شيخ ٻڌايو ته ٺٽو حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ جي هڪ ڏوهاري علي حسن شورو کي گرفتار ڪري چوري ڪيل سامان ۽ واردات ۾ استعمال ٿيل پسٽل برآمد ڪري ڪيس داخل ڪري گرفتار جوابدار جي نشاندهي تي سندس ٻين ساٿي ڏوهارين جي گرفتارين لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري ڪيو ويو آهي، جن کي پڻ جلد گرفتار ڪيو ويندو، ٻئي طرف SSP ٺٽو فاروق احمد بجاراڻي ٺٽو/حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ ڏوهاري گينگ جي هڪ ڏوهاري کي گرفتار ڪري چوري ڪيل سامان برآمد ڪرڻ تي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي آهي.

بقايا ---- 09

روز نون ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي،جڏهن ته موجوده سهولتون وڌندڙ مريضن لاءِ ناڪافي ثابت ٿي رهيون آهن بيڊن جي کوٽ سبب ڪيترن ئي مريضن کي ڪرسين تي ويهاري علاج هيٺ رکيو ويو آهي. علائقي واسين ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فوميگيشن مهم هلائي وڃي ۽ ڊينگي وارڊ لاءِ وڌيڪ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻئي پاسي، صحت کاتي جي آفيسرن دعويٰ ڪئي آهي ته ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪليون ويون آهن ۽ روڪٿام لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، پر مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اڃا تائين عملي سطح تي ڪا به اهم ڪارروائي نظر نٿي اچي،

بقايا ---- 10

سميت ٻئي ڪابه مدد نه ٿيڻ خلاف ليمون خان شيخ مظهر شيخ مجنو شيخ علي ڏنو تاجن علي نواز شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته اسانجو ڳوٺ تقريبن 7 سئو کان وڌيڪ گهرن تي مشتمل آهي جيڪو 2010 واري مها ٻوڏ کان وٺي هن وقت تائين سمورو ڳوٺ پل نه ٺهڻ ڪري اڳ ئي مسئلن جو شڪار ٿيل آهي ويترهن تازي آيل ٻوڏ جي پاڻيءَ جي وڏن وهڪرن وڌيڪ سورن ۾ وجهي ڇڏيو آهي پر سنڌ سرڪار توڙي تڪ جي چونڊيل نمائندن هن وقت تائين ڪچي مان پڪي جي طرف ڌيانهن نڪرڻ لاءِ ڪو به بندوبست نه ڪيو آهي جنهن ڪري ڳوٺ جا سوين ٻوڏ متاثر ۽ مال وند ماڻهون مال پالتو جانورن سميت قاتل آهن جڏهن ته ڪجهه ٻوڏ متاثر ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرائي جون ٻيڙيون ڪري لڏپلاڻ ڪري بچاءُ بند تي ڪچا ڇپرا تاهي ويٺل آهن جن کي به سرڪار طرفان ميڊيڪل ڪئمپ راشن ٽينٽ مڇردانيون يا وري ٻئي ڪابه سهولت نه ڏني وئي آهي جنهن کي سخت پريشان آهيون ان موقعي تي هنن وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاه ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن کان به مطالبو ڪيو ته 2010 واري ٻوڏ ۾ سندن ڳوٺ کان بچاءُ بند تائين تباهه ٿيل پل نئين سر تعمير ڪرائي ٻوڏ متاثرين جا ٿاٻايل مسئلا حل ڪرائي پريشانيون ختم ڪيون وڃن.

بقايا ---- 11

عبدالخالق ڏاهري منصور احمد ڏاهري الله بچايو قريشي مسرور احمد هاليپوٽو وسيم احمد عباسي ۽ ٻين ملازمن پاران پليڪارڊ هٿن ۾ کڻي سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻ آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ احمد علي ڏاهري خطاب ڪندي چيو ته سرڪاري رٽائرڊ ملازمن جي پينشن 35سيڪڙو DRA الائونس، گروپ انشورنس ۽ ٻيون مراعتو رٽائرڊ سرڪاري ملازمن جو حق آهي جيڪو ڪين سنڌ حڪومت طرفان نه ڏنو وڃي سرڪاري رٽائرڊ ملازم جو سهارو پينشن ئي آهي جيڪا هن کي زندگي جو گزر صفر ڪرڻو هوندو آهي جنهن هو گهرجو خرچ هلائيندو آهي پنهنجي اولاد جي تعليم صحت تندرستي شادي ۽ پيٽ جو گزر صفر ڪندو آهي اسان سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيون ٿا ته رٽارڊ ملازمن کي پنهنجا حق ڏنا وڃن ۽ سنڌ حڪومت کي پنهنجو فيصلو واپسي وٺي ۽ سرڪاري رٽائرڊ ملازمن مان بيچيني دور ڪئي وڃي

بقايا ---- 12

قيمتي موٽرسائيڪلن ۾ معمولي قيمت جو لاڪ به استعمال نٿا ڪن. جنهن سبب چورن کي گاڏيون چوري ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي، هن وڌيڪ چيو ته شهري ذميوار بڻجي موٽرسائيڪلن ۾ لاڪ لڳرائن ۽ پوليس سان ڀرپور تعاون ڪن، ته جيئن امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائي سگهجي.

بقايا ---- 13

پائر ذاڪر سناني جڪراڻي ۽ عامر سناني جڪراڻي قتل ٿي ويا پوليس موجب ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي جنهن ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ به پائر ذاڪر سناني جڪراڻي ۽ عامر سناني جڪراڻي قتل ٿي ويا آهن وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي مقتولن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويندا

بقايا ---- 14

مرحوم جي پٽ، قومي اسيمبلي جي ميمبر سردار علاؤالدين جونيجو سنڌس پياءُ سردار محمد خان جونيجو ۽ جوڻيجا خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مرحوم روشن الدين جوڻيجو اصول پرست، بهادر ۽ بااخلاق سياستدان هو هن هميشه سماجي هم آهنگي، جمهوري قدرن ۽ عوامي خدمت کي پنهنجو شعار بڻايو هن جي وفات سان علائقائي سياست کي وڏو نقصان پهتو آهي.

بقايا ---- 15

منعقد ڪيو ويو رپورٽ موجب شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي ميلاد جي سلسلي ۾ مير توريس پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جي سربراهي هيٺ نهايت عقيدت ۽ احترام سان هڪ شاندار جشن جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ يونيورسٽي جي شاگردن شاگرديائين ۽ پروفيسرز صاحبان ۽ ٻين ڀرپور شرڪت ڪري روحاني اجتماع کي ڪامياب ڪيو ان موقعي تي ميلاد جي تقريب کي مشهور مذهبي دانشور مولانا ڊاڪٽر سيد اقبال زيدي مولانا انصار ثقلين مشهدي پروفيسر ڊاڪٽر شاهده پناڻ پروفيسر ڊاڪٽر خالده مهر سيده شمائلا رباب رضوي پروفيسر تاج محمد لاشاري ڊاڪٽر علي رضا ڊاڪٽر عنايت پتي ڊاڪٽر غلام انور اظهري اقرار مهدي شيخ ۽ ٻين خطاب ۾ اسلامي تعليم جي اهميت اتحاد بين المسلمين ۽ حسن اخلاق جهڙي موضوعات تي روشني وڌي مقررين چيو ته نبي اڪرم صلعم جن جي سيرت پاڪ انسانذات لاءِ بهترين نمونه عمل آهي محبت اخوت ۽ اتحاد جو پيغام آهي مقررين وڌيڪ چيو ته اڄوڪي ميلاد جي محفل جو سهرو يونيورسٽي جي وي سي ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ ڏانهن وڃي ٿو وائيس چانسلر مثبت ۽ علمي سرگرمين کي فروغ ڏئي ٿو هن جي اديبانا دلچسپي سبب يونيورسٽي ۾ علمي روحاني ۽ سماجي پروگرام ٿيندا رهن ٿا جشن عيد ميلادالنبي جو پروگرام ان جو حصو آهي جڏهن ته ميلاد النبي ص جي محفل ۾ عباس علي زيدي حيدر مظفر زيدي پروفيسر نذرحسين ماڪن خان خادم علي ميراڻي اشرف علي بلوچ باقر علي خصوصي شرڪت ڪئي

بقايا ---- 16

اين اي محمد خان جوڻيجو . ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو . غياث الدين جوڻيجو. ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوآدم جي چيئرمين چاچا غلام مرتضا جوڻيجو. شاهجهان جوڻيجو. ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفا شاه اڳوڻي ايم پي اي فراز ڏيرو. اڳوڻي ايم اين اي لياقت علي مري ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ پ پ پ اڳواڻ شڪيل مري ايم پي اي جام شبيرعلي نواب جام نفيس علي خان اڳوڻي سينيٽر ملڪ امام الدين شوقين . نالي واري صنعتڪار حاجي محمد صالح ميمڻ ذوالفقار علي زرداري وڏير صالم خان ابڙو . بلاول ٿهيم . لالا محمد ايوب سميت سياسي سماجي وڪلا صحافين جي وڏي انگ نماز جنازا ۾ شرڪت ڪئي مرحوم روشن الدين جوڻيجو جي تدفين سوئي ڪندر قبرستان ۾ ڪئي وئي

بقايا ---- 17

وڏي ويو آهي، جڏهن ته صحت کاتو مڪمل طور غافل نظر اچي رهيو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسپري نه ٿيڻ سبب شام جو وقت گذارڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي، چيو ته مڇرن جي وڌڻ ڪري ٻارڙا ۽ بزرگ سخت متاثر ٿي رهيا آهن. ماڻهن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي سيناريا ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ مڇر مار مهم شروع ڪئي وڃي، ته جيئن بيمارين کان بچاءُ ممڪن بڻجي سگهي.

بقايا ---- 18

تلهار پوليس اسٽيشن پهچايو جتي سڃاڻپ ۽ پڇا ڳاڇا کان پوءِ معلوم ٿيو ته هو ٽائون ڪميٽي تلهار جو چوڪيدار هو. ضروري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش کي رورل هيلٿ سينٽر تلهار مان وارثن حوالي ڪيو ويو. عبدالحميد خاصخيلي جو تعلق بگڙا ميمڻ بدين سان ٻڌايو پيو وڃي. هو گذريل شام بدين مان تلهار ڊيوٽي تي اچي رهيو هو جڏهن بس تلهار اسٽاپ تي بيٺي ۽ ڇت مٿي ويٺل مسافر نه لٿو ته ڪلينر مٿي چڙهي ڏٺو ته عبدالحميد ڇت تي بيهوش پيو هو جنهن کان پوءِ خبر پئي ته هو انتقال ڪري ويو ياد رهي ته عبدالحميد جو پياءُ اڳ ۾ آرمي ۾ ديوٽي دروان پڻ شهيد ٿي ويو هو

بقايا ---- 19

جو انڪشاف ٿيو آهي تفصيل موجب، تلهار ۾ ملاوٽ ٿيل ۽ غير معياري تيل جي خريد ۽ فروخت ۾ تيزي سبب شهري مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن ٻڌايو ويو آهي ته هر هفتي اها گاڏي تلهار اچي ٿي، جنهن کي شهر کان ٻاهر هڪ مقامي پيٽرول پمپ تي لڪائي بيهاريو وڃي ٿو جتان لڪل طريقي سان مختلف دڪاندارن کي هي ملاوٽ ٿيل تيل فراهم ڪيو وڃي ٿو ڪجهه مهينا اڳ به هن غير معياري تيل خلاف شهري احتجاج ڪري چڪا آهن، پر فوڊ اٿارٽي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن طرفان ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي شهرين جو چوڻ آهي ته هي "موت جو سامان" اڄ به تلهار ۾ هزارين ليٽر جي حساب سان وڪرو ٿي رهيو آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ملاوٽ ٿيل شيون ۽ غير معياري خوراڪ تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا ---- 20

وئي خبر موجب ڳوٺ نيباهو خان پاتو جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٻٽيل ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو ته اسڪول جي بلڊنگ 2022 واري برساتي ٻوڏ سبب زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا وڻ جي هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. اسڪول جي بلڊنگ مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي، جنهن سبب اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٻٽيل آهن. مظاهرين وڌيڪ چيو ته ڪافي پيرا تعليم کاتي جا بالا آفيسر اسڪول جي بلڊنگ ڏسي ويا آهن، پوءِ به بلڊنگ جو تعميراتي ڪم نه پيو ڪرايو وڃي ٺهرائي استادن ۽ ڳوٺاڻن پاران اهو به چيو ته ڪروڙين روپيا تعلقي جي بجيٽ آهي اسڪولن ۾ نه فرنيچر آهي نه اسڪولن جي ريپر ڪرائي ٿي وڃي جو اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم پرائي سگهن، ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي عملدارن تي الزام لڳائيندي چيو ته تعليم کاتي ۾ ڪرپشن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي اسان جي تعلقي ۾ هيڏا ڪيترائي اسڪول آهن جن ۾ نه فرنيچر آهي نه ئي اسڪولن ۾ ٻيو سهولتون آهن ڳوٺاڻن جو اهو به چوڻ هيو ته اڳ به هن اسڪول جي بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪري پيا هيو جنهن سبب هڪ استاد ۽ به معصوم ٻارڙيون زخمي ٿي پيو هيون استادن شاگردن ۽ ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاه تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ٿي ڪجي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪرائي معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي،

بقايا ---- 21

ڪرائڻ جي هدايت، خبرموجب ميرپورماٿيلو جي ڳوٺ سردار خان بوزدار جي رهواسي نينگري رابعه بوزدار جي بازيابي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت جي طلب ڪرڻ تي ڊي آءِ جي سکر فيصل عبد چاچڙ، ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران ۽ پيا پيش ٿيا، سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس محمود اي خان جي سنگل بئنچ آڏو درخواستگذار مائي سوڍي بوزدار جي وڪيل فريدان پيو دليل ڏيندي چيو ته ڪجهه ورهيه اڳ مائي سوڍي کي مڙس شهمير گهران ڪيدي بعد ۾ طلاق ڏئي ڇڏي هئي، ان دوران شهمير 9 ورهين جي نينگري رابعه کي پاڻ وٽ رکي ٻه ٻيا ننڍا ٻار ماءُ جي حوالي ڪيا هئا. والد سان گڏ رهندڙ نينگري رابعه ڪجهه مهينن کان گم آهي، 23 جون 2025 ع تي درخواستگذار حد جي ميرپورماٿيلو ٿاڻي تي پهچي لکت ۾ پوليس کي اطلاع ڪيو آهي، پر پوليس نياڻي جي بازيابي لاءِ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي، هن جي والده کي شڪ آهي ته سندس نياڻي کي ڪٿي ڪوجاڻي نقصان نه پهچايو ويو هجي، تنهن ڪري درخواستگذار جي عدالت کي استدعا آهي ته سندس نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي، جنهن ڪانپوءِ عدالت ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان پڇاڻو ڪيو ته اوهان کي نينگري کي هٽ ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو نينگري ڪٿي آهي، جن عدالت کي ٻڌايو ته نينگري جو پتو ناهي پئجي سگهيو ايف آءِ آر داخل نه هئڻ ڪري پوليس کي ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، جنهن بعد عدالت درخواستگذار جي وڪيل کي هدايت ڪئي ته اوهان حد جي ٿاڻي تي نينگري جي گمشدگي بابت ڪيس داخل ڪرايو ته جيئن پوليس کي نينگري جي ڳولا ۾ گهڻ رخي جاچ ڪري سگهجي ۽ نينگري بابت پتو لڳائي سگهجي ته اها ڪٿي آهي، جيڪڏهن ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود پوليس نينگري کي هٽ نه ڪيو ته پوءِ عدالت قانون موجب فيصلو ٻڌائيندي، ٻي طرف عدالت ٻاهران ميڊيا نمائندن سان نينگري جي امڙ مائي سوڍي مائيٽياڻي خديجه سان گڏ ڳالهائيندي چيو ته شهمير بوزدار ۽ سندس ساٿي عدالت ۾ داخل درخواست تان هٿ ڪڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري ننڍن ٻارن سميت دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون، ميرپورماٿيلو ٿاڻي جي پوليس نينگري کي ته هٽ ناهي ڪيو پر الٽو منهنجي پيڪن جي گهرن تي چڙهائي ڪري محمد جاويد ۽ علي محمد بوزدار جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن ۽ هڪ ويجهي مائٽ عبدالجبار کي پوليس بيگناهه ڪنيي ڪٿي گم ڪري ڇڏيو آهي، پوليس جي اهڙي ناحق سبب زندگي زهر بڻجي وئي آهي، هنن روئيندي چيو ته اسان کي ڪورٽ سگوري مان انصاف جي اميد آهي، تنهن ڪري عدالت جي حڪم تي ايف آءِ آر داخل ڪرائيندس، اسان کي اهو به نه ٿو ٻڌايو وڃي ته رابعه جي شادي ڪرائي وئي يا ڪيس پئسن عيوض وڪرو ڪري ڪنهن نامعلوم هنڌ تي رکيو ويو آهي هو زنده آهي الائي نه. آئون ان جي حياتي بابت فڪرمند آهيان.

بقايا ---- 22

خان چانڊيو . ناياب لغاري ڏيرڪ شاه . صوبائي وزير ذوالفقار شاه صوبائي وزير ضياء لنجار ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد فيصل بشير ميمڻ .نواز ڪنير . فقير حسين بخش خاصخيلي .معشوق چانڊيو ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد صوبائي وزير شبير بجاراڻي ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي

بقايا ---- 23

ڪي سرڪار پاران هڪ سر به نه ملي سگهي اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد بغير ڪنهن سهوليت جي پٽ تي يا ڪٽ تي وڻ هيٺان ويهي تعليم پرائي رهيا آهن وڻ هيٺان ويهڻ سبب موسمي تبديليون شاگردن کي تڪليف پهچائن ٿيون جنهن سبب استادن کي پڙهائڻ ۽ شاگردن کي پڙهڻ ۾ روزانو جي بنياد تي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئي ٿو مسلسل علائقي جو ٿيون نسل وڻ هيٺان تعليم پرائي رهيو آهي پر سرڪار پاران ڪا به سار نه لڌي وئي ڪيترائي دفعا لکت زباني ۽ احتجاجن ذريعي دانهيو ويو آهي پر اسڪول جي بلڊنگ منظور نه ٿي سگهي لڳ ساڙيندڙ گرمي هجي يا رت ڄمائيندڙ سردي معصوم ٻار توڙي استاد بنا ڪنهن سهوليت جي وڻ هيٺان بئنچون ڪٽون ۽ رليون رکي اسڪول کي مسڪن بنائي ويٺل آهن استاد اسماعيل چنو طارق عزيزالله پرهه مايا ڳوٺاڻن استادن ۽ شاگردن تعليم کاتي وزير تعليم ٻين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور بلڊنگ منظور ڪرڻ سان گڏ فرنيچر سميت ٻيون بنيادي سهوليت ڏيئي معصوم شاگردن جو مستقبل بچايو وڃين

بقايا ---- 24

وئي پر ڪو به ڏس پتو نه ملي سگهيو ماءُ جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل. گمشدگي واري واقعي تي وارث ۾ پريشاني ڇانيل آهي

بقايا ---- 25

ڪرڻ واريون چٽيون به ملڻ شروع ٿي ويون آهن. جنهن چٽي ۾ لکيو ويو آهي ته هڪ مهيني اندر ڪين 50 لک روپيه ڪيش رقم ڏيڻ سميت درگاهه کي به خالي ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ ڪين پهچندڙ نقصان جا ذميوار هو خود پاڻ هوندا. اهڙي اردو ۾ لکيل چٽي ملڻ بعد درگاهه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو پاران پوليس پوسٽ جنگشاهي تي پهچي ڌمڪين واري مليل چٽي پوليس کي ڏيکاريندي رپورٽ درج ڪرائيندي ٻڌايو آهي ته تازو پيل تيز طوفاني برساتون جيڪي 7 سيپٽمبر کان شروع ٿيون هيون، جنهن ڪري هو درگاهه تي اچي نه سگهيو ۽ هو درگاهه تي 11 سيپٽمبر تي آيو. جيئن ئي هن پنهنجي بينڪ وارو ڪمرو کوليو ته سندس ڪمري مان ڪيس اردو اکرن ۾ لکيل هڪ چٽي ملي، جنهن تي ڪيس هڪ مهيني ۾ 50 لک روپيه ڪيش ڏيڻ سميت درگاهه کي به خالي ڪرڻ جي ڌمڪي لکيل آهي، هڪ مهيني اندر 50 لک روپيه ڪيش رقم ۽ درگاهه خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪين پهچندڙ نقصان جا اهي پاڻ زميوار هجڻ جي پڻ ڌمڪي لکي وئي آهي، درگاهه جي خدمتگار موجب درگاهه تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳل آهن. جيڪي سولر سسٽم تي هلن ٿيون پر برساتن دوران سولر سسٽم جون بيٽريون چارج نه ٿيڻ ڪري سي سي ٽي وي فوٽيج ملي ناهن سگهيا ته اها شرارت ڪنهن ڪئي آهي، هن گهر ڪئي آهي ته ڪين تحفظ مهيا ڪري درگاهه تي سندن تحفظ لاءِ پوليس اهلڪارن کي مقرر ڪري ڪيس ڌمڪين واري مليل چٽي جي جانچ ڪرائي ملوثن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي، جيئن هو وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا ---- 26

اڳواڻ بشير سرڪي،شعيب نوناري،برڪت علي لاشاري،حاڪم ڊول،عالم جعفري، لياقت علي برڙو،اشفاق احمد سرڪي ۽ ٻين سائين جلال محمود شاه کي جنم ڏينهن جون واڌايون ڏيندي سندس صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.

بقايا ---- 27

مان ڪيترا ئي محلن ڳوٺن جا رهواسي هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن. شهر اندر بار بار احتجاج ٿيڻ جي باوجود به انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کو نوٽيس نه ورتو آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته اسان پنهنجا ووٽ ڏنا، پر اسان جي ڪا به قدر نٿي ڪئي وڃي، صرف اليڪشن وقت اسان جي ياد اچي ٿي. پبلڪ هيلٿ راٽيپور جو ڪو ڪردار نه آهي هڪ ٺيڪيدار انعام ڪانڌڙو کي ڪنٽرول نه ٿو ڪري سگهي ان مٿان ڪروڙن جي مبينا ڪرپشن جا مبينا الزام آهن اسٽيشن روڊ. پراڻو گمبٽ راٽيپور روڊ ڳوٺ علي آباد وساڻ واڻٽي وڏا گانگهرا عباسي سالاري ماڇي - جوکي ڳوٺ شهباز ڪالوني ڪيلا مارڪيٽ سان گڏ ڪيترائي محلن جا رهواسي احتجاج به ڪن ٿا دانهن به ڪن ٿا احتجاجي مظاهرا به ڪن ٿا پر چونڊيل ميمبران زميواران کي ڇڻ ڪان خبر نه هجي افسوس ڪري سگهون ٿا شهري ووٽرس سماج سڌارڪ. دانهيندي چون ٿا ته پاڻي، نيڪال، صفائي ۽ جهڙن بنيادي مسئلن جو ڪو حل نٿو ڪيو وڃي، جنهن سبب علائقي ۾ رهندڙ غريب ماڻهو سخت تڪليفن جو شڪار آهن. سندن چوڻ آهي ته چونڊن ۾ اسان کان ووٽ ورتا وڃن ٿا، پر پوءِ اسان کي وساري ڇڏيو وڃي ٿو. اسان جو قدر صرف ووٽ ڏيندي وقت ڪيو وڃي ٿو رهواسين خبردار ڪيو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ اسان حساب وٺنداسين، ووٽ رکي اسان پنهنجو فيصلو پاڻ ڪنداسين هنن چيو ته بنيادي مسئلن جو حل نه ٿيڻ تائين اسان جو آواز بلند رهندو ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ اسان پنهنجو واضح موقف ڏينداسين.

بقايا ---- 28

ڪندي چيو ته ضلعي ٺٽي سميت گهوڙاٻاري تعلقي ۾ به 9 کان 14 ورهين جي نياڻين کي سرويڪل ڪينسر کان بچاءُ لاءِ ويڪسين ڏيڻ جي مهم زور شور سان شروع ڪئي وئي آهي. هن ٻڌايو ته ضلعي اندر لڳ ڀڳ 72 هزار نياڻين کي هي حفاظتي ٽڪا لڳائڻا آهن. جنهن لاءِ مختلف ويڪسين ٽيمون تعلقي گهوڙاٻاري جي ڳوٺن ۽ اسڪولن ۾ به روانيون ٿي ويون آهن. ايماندار ڊاڪٽر ساجد شيخ جو چوڻ هو ته هي ويڪسين عورتن جي ٻچي داني ۾ ٿيندڙ امڪاني ڪينسر کان بچاءُ لاءِ انتهائي اهم آهي. ان ڪري والدين کي گهرجي ته پنهنجي نياڻين کي لازمي طور ٽڪا لڳرائين. هن وڌيڪ چيو ته مهم جي شروعاتي تقريب ۾ مقامي سماجي ڌرين ۽ ڳوٺاڻن کي شامل نه ڪرڻ سبب آگاهي گهٽ رهي، پر هاڻي خاص طور تي تعلقي گهوڙاٻاري ۾ ميڊيا، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سان گڏجي وڏي سطح تي آگاهي مهم هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ته جيئن هر نياڻي تائين ويڪسين پهچي سگهي.!

بقايا ---- 29

ارباب چيو ته مڪلي تي ناريجا ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ بجلي چورن خلاف سخت ڪارواين جاري ڪندي وڏي تعداد ۾ غير قانوني ڪنيڪشن ڪٽي بجلي جي تارن کي پڻ تحويل ۾ ورتو ويو آهي، هن چيو ته بجلي ميٽر هولڊرن کي گهرجي ته هو بجلي جي بقاياجات جلد کان جلد جمع ڪرائين، SDO واپڊا رياض ارباب بجلي چوري ڪندڙن کي وارننگ ڏيندي چيو ته هو فورن بجلي چوري ڪان پاسو ڪري بجلي جا ميٽر لڳائين، جيئن بجلي جي بچت ٿي سگهي، ٻئي صورت ۾ بجلي چورن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا ---- 30

تائين پهچائڻ لاءِ ساڄي طرف واري سائيڊ مان مشڪل سان گذارڻو پيو. شهرين سخت افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ٽائون ڪاميٽي راٽيپور جي انتظاميا جي لاپرواهي سبب اهڙو ڏينهن ڏسڻو پيو جو پنهنجي عزيزن جي آخري سفر ۾ به تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون.

بقايا ---- 31

مقرر نه ڪيو وڃي. 14 ورهين جي نوجوان محبوب علي گجريو ملاح کي بنا ڪنهن ڏوهه جي اغوا ڪري حوالات ۾ رکيو ويو. جنهن جا هٿ ۽ پير زنجيرن سان ٻڌل هئا. هن حوالي سان ڇوڪري جي والده ماروي گجريو ملاح عدالت سان رجوع ڪيو هو. عدالت جي حڪم تي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڳاڙهو ريڊ ڪميشنر جي حيثيت سان ڇاپو هڻي ڇوڪري کي پوليس جي حراست مان بازياب ڪرايو رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو ته نوجوان خلاف ڪا به ايف آءِ آر داخل نه هئي ۽ نه ئي گرفتاري ظاهر ڪئي وئي هئي. نوجوان عدالت ۾ بيان ڏنو ته ڪيس بابو شاه جي مئنيجر صفر شاه جي چوڻ تي معمولي اختلافن جي بنياد تي 8 پوليس اهلڪارن ذريعي گرفتار ڪرايو ويو. ان دوران پوليس جمعدار علي محمد سندس سان زيادتي ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي. عدالت هن روئيي کي شرمناڪ، غير اخلاقي ۽ غير قانوني قرار ڏنو عدالت ايس ايڇ او سميت 8 پوليس اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ، متاثر نوجوان ۽ سندس والده جو بيان قلم 154 سي آر پي سي تحت رڪارڊ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ساڳي وقت ايس ايس پي ٺٽو کي هدايت ڪئي وئي ته ٽن ڏينهن اندر ڪيس داخل ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڇئن ڏينهن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي.

بقايا ---- 32

تعليم فراهم ڪرڻ ۽ عوام کي بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ترجيحن ۾ شامل آهن ۽ پي پي جي اعليٰ قيادت پڻ هميشه معياري تعليم جي فروغ ۽ بنيادي صحت جي سهولتن جي فراهمي کي ترجيح ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ چيو ته ضلعي ڪائونسل جا ميمبر پڻ بنيادي انساني سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهن. اجلاس ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبرن، جن ۾ خادم حسين ٻهراڻي، نادر علي لغاري، عظمينه چانڊيو، مير محمد بخش ٽالپر، غلام مصطفيٰ، محمد جمن مري ۽ ٻين ، تعلقه اسپتال ڪوٽ غلام محمد ۾ صحت جي خراب صورتحال، سرڪاري ڊسپينسرين کي فعال بڻائڻ عملي جي فراهمي، اسڪول جي عمارتن جي مرمت ڪرائڻ ، ڪينال جي پاڻي جي فراهمي جي شيڊول کي بهتر بڻائڻ، جانورن جي ويڪسينيشن، نادرا آفيس ڪوٽ غلام محمد جي عملي جي بدسلوڪي ۽ سرڪاري ملازمن جي پينشن کي روڪڻ بابت مسئلا اٿاريا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر رشيد مسعود خان چيو ته ضلعي ڪائونسل جا چونڊيل ميمبر صحت ۽ تعليمي ادارن جي عمارتن جي مرمت بابت ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ درخواستون جمع ڪرائين ته جيئن انهن عمارتن جي تعمير ۽ مرمت جي منصوبين ۾ شامل ڪرائي سگهجي. چونڊيل ميمبرن سان صلاح مشوري کان پوءِ پاڻي جي وارا بندي جو شيڊول جاري ڪيو ويندو . چونڊيل ميمبر پنهنجي فنڊ مان مڇر مار اسپري ڪرڻ لاءِ مشينون خريد ڪن ۽ انهن جي ذريعي اسپري ڪرايو وڃي. نادرا عملي جي بدسلوڪي تي نادرا جي اعليٰ عملدارن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. منشيات جي روڪٿام جي حوالي سان، مون ايس ايس پي ميرپورخاص سان ڳالهايو آهي ۽ تمام جلد منشيات جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا ويندا. اجلاس ۾ ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ضلعي تعليم آفيسر پرائمري اسڪول نبي بخش گرگيز، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر محمد سليم، ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال ڊاڪٽر غلام محي الدين شاه جيلاني، چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سيد عمران حيدر شاه، اسسٽنٽ انجنيئر ايل بي او ڊي معاذ سليم ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا ---- 33

پروگرام ڪرڻ جو وچن ڪيو ويو. ان موقعي تي صدارتي راءِ ڏيندي يونس خاصخيليءَ چيو ته مليرشاخ هن وقت ڪراچيءَ اندر تمام سنو ڪم ڪري رهي آهي شاخ ملير وٽ تمام سنا شاعر دوست موجود آهن جيڪي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي عوام ۾ شعور پيدا ڪري رهيا آهن اڄوڪي گڏجاڻيءَ مونکي تمام گهڻو اتساهه ڏنو آهي.جڏهن ته اديب رجب پنهور چيو ته هن وقت سنڌ ۾ تمام سٺي شاعري ٿي رهي آهي گڏجاڻي ۾ تنقيد لئه نکور تخليقون پيش ڪيون ويون جنهن تي راءِ ڏيندي غفور شاه چيو ته جنهن شاعر وٽ درد ناهي اهو شاعر ناهي، درد ئي شاعري لکائي ٿو اڄ جي شاعرن جي شاعريءَ ۾ نواڻ آهي ۽ نوجوان نوان نوان استعارا استعمال ڪري رهيا آهن. گڏجاڻيءَ ۾ سڪندر سرواڻ سومرو، قمبر ٻٽ، عنايت شاه، سامي ميمڻ، جمشيد زهراڻي لعل محمد پنهور رجب پنهور ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي.

بقايا ---- 34

رهيا ان موقعي تي متاثر دڪاندارن دانهيون ته وچ شهر ۾ گٽر ۽ ناليون اٿلڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، 40/40 هزار روپيا دوڪانن جي مسواڙ ڀريون ٿا ، دوڪانن آڏو گٽرن جو گندو پاڻي بيهڻ سبب روزگار ٺپ ٿي ويو ۽ بيمارين به منهن ڪڍيو آهي هنن چيو ته گٽرن جي گندو پاڻي بيهڻ سبب بدبوءِ سبب دوڪانن تي ويهي نه ٿا سگهون، هنن چيو ته خبر نه آهي ته ميونسپل ڪاميٽي جي بجيٽ ڪٿي خرچ ٿئي ٿي متاثر دڪاندارن ڊي سي دادو اي سي دادو کان مطالبو ٿا ڪريون ته ، فوري طور گٽرن جو گندو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي.

بقايا ---- 35

تلاوت سان ڪئي جڏهن ته حافظ افضان صابري، حافظ امجد علي صابري، حافظ دانش علي صابري ۽ قربان علي صابري حضور اڪرم جي شان مبارڪ ۾ نعتون پيش ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو پنڊال لبيڪ لبيڪ يا رسول الله جي صدائن سان گونجي اٿيو پنڊال کي خصوصي خطاب ڪندي حافظ دين محمد طاهري چيو ته عيد ميلاد النبي مسلمانن لاءِ سعادت ۽ رحمت جو ڏينهن آهي، جيڪو اسان کي حضور جي زندگي مان سبق وٺڻ ۽ سندن ٻڌايل رستي تي هلڻ جو پيغام ڏئي ٿو محفل ۾ وڏي تعداد ۾ ڳوٺ غلام صابر صابر راجپوت 362، ڳوٺ محمد سانوڻ شورو ، آدم موري يوسي باکر ۽ نئون ڪوٽ جي عاشقان رسول صلي الله عليه وآله وسلم شرڪت ڪئي پروگرام جي آخر ۾ عاشقان رسول صلي الله عليه وآله وسلم لاءِ لنگر جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا ---- 36

متياري ،سياف ،يوٿ پي پي ميناري ونگ ۽ پي پي عهديدارن ورڪرن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سنڌ حڪومت ترجمان ايم پي اي متياري مخدوم فخرزمان جن جو ڪوآرڊينيٽر غلام اڪبر ڀٽو ۽ پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلع متياري صدر ڏٽي بخش سيال جنرل سيڪريٽري ذوالفقار سومرو پ پ پ يوٿ ونگ ضلعي متياري جنرل سيڪريٽريءَ جميل منگواڻو سياف ضلعي متياري جنرل سيڪريٽريءَ امتياز علي ڦوڙ انفارميشن سيڪريٽري پ پ پ ڪلچرل ونگ ثمر خاصخيلي نائب صدر معشوق علي منگواڻو سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري فريال ٽالپر نثار کهڙو ۽ سنڌ حڪومت ترجمان ايم پي اي متياري مخدوم فخرزمان جن اعتماد ڪري متياري ضلع ۾ نئي تنظيم سازي جوڙي جيالن ۾ جان وجهي ڇڏي آهي اڳواڻن چيو ته نوان جيالا عهديدار پارٽي قيادت جي اعتماد تي ڀرپور محنت ۽ خدمت ڪندا ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ پي پي پي اميدوارن کي ساٿ ۾ ساٿ ڏئي ڪامياب ڪرائي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم جي عهدي تي آڻيندا ان موقعي تي ايم اين اي شگفته جماڻي جو ڪوآرڊينيٽر محفوظ علي جماڻي پ پ پ ضلع انفارميشن سيڪريٽري جنيد جکريجو ايڊووڪيٽ قاضي اخلاص سيد اميدعلي شاه شمن سهتو فاروق نوحپوٽو منورعلي دايو ڪامريڊ هاشم سمون ڪامريڊ جمعون خاصخيلي فراز اپڙو ياسرعمراڻي تنوير شيخ وسيم مسعوداڻي سميت ٻيا پارٽي ورڪر آجياڻي جي تقريب ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا ---- 37

۾ ادا ڪيي ويي نماز جنازا ۾ پ پ ضلع ڪايونسل ميمبر پير امجد جان سرهندي پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاه جو فرزند سيد عون محمد شاه منظور قايم خاني سيد اسلم شاه سردار غلام رسول ڏونڪايي اڳوٽون ضلع ڪايونسل ميمبر غلام محمد ڪپري اڳوٽون يوسي وايس چيئرمين فتح ڪپري ڪانيو خان چانڊيو محمد موسا شاهاڻي محمد شريف شاهاڻي محمد نواز ڪاچيلو واحد مهر غلام رسول راڄڙ نور محمد راڄڙ غلام مصطفيٰ بنگلاڻي مدثر ڪونڙيو صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي اياز بنگلاڻي لعل بخش خاصخيلي نويد ڪمار کيول سرماڻي ۽ ٻين علايقي جي معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي سندس مڙهه کي سوين آلين اکين سان سيد شاه علي شاه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس تڏو ڳوٺ محمد اسلم شاهاڻي ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جوسلسلو جاري آهي هونهڏان سي ايم او عمرڪوٽ سيد ساجد حسين شاه پ پ يوسي چيئرمين رييس نصير خان ڏونڪايي راڻا ذوالفقار راجپوت محمد بخش ڪوسو اڪمل شاهاڻي سيد ڪرم حسين شاه سيد جاويد شاه عبدالخالق آرايين رفيق دوم غفور ٻهراڻي سلطان ٻهراڻي تپيدار سڪندر سيال محمدخان شاهاڻي ٻين تڏي تي پهچي محمد اسلم شاهاڻي صحافي بشير شاهاڻي صحافي سڪندر شاهاڻي سان تعزيت ڪيي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو نوجوان محمد گل جي اڇانڪ وڇوڙي تي علايقي ۾ سوڳ وار ماحول ڇانيل آهي

بقايا ---- 38

روز نون ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي،جڏهن ته موجوده سهولتون وڌندڙ مريضن لاءِ ناڪافي ثابت ٿي رهيون آهن بيڊن جي کوٽ سبب ڪيترن ئي مريضن کي ڪرسين تي ويهاري علاج هيٺ رکيو ويو آهي. علائقي واسين ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي فوميگيشن مهم هلائي وڃي ۽ ڊينگي وارڊ لاءِ وڌيڪ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٻئي پاسي، صحت کاتي جي آفيسرن دعويٰ ڪئي آهي ته ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪليون ويون آهن ۽ روڪٿام لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، پر مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اڃا تائين عملي سطح تي ڪا به اهم ڪارروائي نظر نٿي اچي،

بقايا ---- 39

مان ڪيترا ئي محلن ڳوٺن جا رهواسي هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن. شهر اندر بار بار احتجاج ٿيڻ جي باوجود به انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کو نوٽيس نه ورتو آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته اسان پنهنجا ووٽ ڏنا، پر اسان جي ڪا به قدر نٿي ڪئي وڃي، صرف اليڪشن وقت اسان جي ياد اچي ٿي. پبلڪ هيلٿ راٽيپور جو ڪو ڪردار نه آهي هڪ ٺيڪيدار انعام ڪانڌڙو کي ڪنٽرول نه ٿو ڪري سگهي ان مٿان ڪروڙن جي مبينا ڪرپشن جا مبينا الزام آهن اسٽيشن روڊ. پراڻو گمبٽ راٽيپور روڊ ڳوٺ علي آباد وساڻ واڻٽي وڏا گانگهرا عباسي سالاري ماڇي - جوکي ڳوٺ شهباز ڪالوني ڪيلا مارڪيٽ سان گڏ ڪيترائي محلن جا رهواسي احتجاج به ڪن ٿا دانهن به ڪن ٿا احتجاجي مظاهرا به ڪن ٿا پر چونڊيل ميمبران زميواران کي ڇڻ ڪان خبر نه هجي افسوس ڪري سگهون ٿا شهري ووٽرس سماج سڌارڪ. دانهيندي چون ٿا ته پاڻي، نيڪال، صفائي ۽ جهڙن بنيادي مسئلن جو ڪو حل نٿو ڪيو وڃي، جنهن سبب علائقي ۾ رهندڙ غريب ماڻهو سخت تڪليفن جو شڪار آهن. سندن چوڻ آهي ته چونڊن ۾ اسان کان ووٽ ورتا وڃن ٿا، پر پوءِ اسان کي وساري ڇڏيو وڃي ٿو. اسان جو قدر صرف ووٽ ڏيندي وقت ڪيو وڃي ٿو رهواسين خبردار ڪيو آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ اسان حساب وٺنداسين، ووٽ رکي اسان پنهنجو فيصلو پاڻ ڪنداسين هنن چيو ته بنيادي مسئلن جو حل نه ٿيڻ تائين اسان جو آواز بلند رهندو ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ اسان پنهنجو واضح موقف ڏينداسين.

بقايا ---- 40

وئي خبر موجب ڳوٺ نيباهو خان پاتو جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٻٽيل ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو ته اسڪول جي بلڊنگ 2022 واري برساتي ٻوڏ سبب زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا وڻ جي هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. اسڪول جي بلڊنگ مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي، جنهن سبب اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٻٽيل آهن. مظاهرين وڌيڪ چيو ته ڪافي پيرا تعليم کاتي جا بالا آفيسر اسڪول جي بلڊنگ ڏسي ويا آهن، پوءِ به بلڊنگ جو تعميراتي ڪم نه پيو ڪرايو وڃي ٺهرائي استادن ۽ ڳوٺاڻن پاران اهو به چيو ته ڪروڙين روپيا تعلقي جي بجيٽ آهي اسڪولن ۾ نه فرنيچر آهي نه اسڪولن جي ريپر ڪرائي ٿي وڃي جو اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم پرائي سگهن، ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي عملدارن تي الزام لڳائيندي چيو ته تعليم کاتي ۾ ڪرپشن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي اسان جي تعلقي ۾ هيڏا ڪيترائي اسڪول آهن جن ۾ نه فرنيچر آهي نه ئي اسڪولن ۾ ٻيو سهولتون آهن ڳوٺاڻن جو اهو به چوڻ هيو ته اڳ به هن اسڪول جي بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪري پيا هيو جنهن سبب هڪ استاد ۽ به معصوم ٻارڙيون زخمي ٿي پيو هيون استادن شاگردن ۽ ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاه تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ٿي ڪجي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪرائي معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي،

بقايا ---- 41

ڪندي دانهيو ته منهنجي پيءُ ماءُ مونکي جڳهه لکي ڏني آهي، جنهن ۾ پنجاهه سالن کان ان جڳهه ۾ رهندي آهيان. هن چيو ته مڙس محمد حسن پنهنجي پائرن محمد بخش سومرو، امتياز سومرو، ممتاز سومرو، منظور سومرو ۽ ٻين کي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ ڪوهارا مان لڏائي پاڻ وٽ رهايو. جن جون شاديون منهنجو سون کپائي ڪرايون پر هاڻي جان جا ويري بڻجي ويا آهن. هن چيو ته ڏير محمد بخش سومرو، امتياز سومرو ۽ ٻين ڏوڪري ويجهو پنهنجي جڳهه وني 20 سالن کان اتي رهائش پذير آهن، پر هاڻي بااثر ماڻهو پلاٽ خالي ڪرائڻ لاءِ ڏيرن کي استعمال ڪري رهيو آهي، جيڪي مون کان جڳهه جو حصو ڏيڻ لاءِ ڌمڪائي رهيا آهن. هن چيو ته ڏوڪري پوليس منهنجن ڏيرن ۽ بااثر جي ڌر بڻجي تنگ ڪندي زبردستي گهر ۾ گهڙڻ سميت منهنجي پيرسن مڙس کي گرفتار ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته پوليس جمعدار گهر تي اچي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ته جوابدارن کي حصو ڏيان جيڪو سراسر ظلم ۽ ناانصافي آهي. هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته مونکي ڏيرن ۽ بااثر کان تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا ---- 42

ڪرائڻ جي هدايت، خبرموجب ميرپورماٿيلو جي ڳوٺ سردار خان بوزدار جي رهواسي نينگري رابعه بوزدار جي بازيابي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عدالت جي طلب ڪرڻ تي ڊي آءِ جي سکر فيصل عبد چاچڙ، ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران ۽ پيا پيش ٿيا، سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس محمود اي خان جي سنگل بئنچ آڏو درخواستگذار مائي سوڍي بوزدار جي وڪيل فريدان پيو دليل ڏيندي چيو ته ڪجهه ورهيه اڳ مائي سوڍي کي مڙس شهمير گهران ڪيدي بعد ۾ طلاق ڏئي ڇڏي هئي، ان دوران شهمير 9 ورهين جي نينگري رابعه کي پاڻ وٽ رکي ٻه ٻيا ننڍا ٻار ماءُ جي حوالي ڪيا هئا. والد سان گڏ رهندڙ نينگري رابعه ڪجهه مهينن کان گم آهي، 23 جون 2025 ع تي درخواستگذار حد جي ميرپورماٿيلو ٿاڻي تي پهچي لکت ۾ پوليس کي اطلاع ڪيو آهي، پر پوليس نياڻي جي بازيابي لاءِ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي، هن جي والده کي شڪ آهي ته سندس نياڻي کي ڪٿي ڪوجاڻي نقصان نه پهچايو ويو هجي، تنهن ڪري درخواستگذار جي عدالت کي استدعا آهي ته سندس نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي، جنهن ڪانپوءِ عدالت ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي کان پڇاڻو ڪيو ته اوهان کي نينگري کي هٽ ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو نينگري ڪٿي آهي، جن عدالت کي ٻڌايو ته نينگري جو پتو ناهي پئجي سگهيو ايف آءِ آر داخل نه هئڻ ڪري پوليس کي ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، جنهن بعد عدالت درخواستگذار جي وڪيل کي هدايت ڪئي ته اوهان حد جي ٿاڻي تي نينگري جي گمشدگي بابت ڪيس داخل ڪرايو ته جيئن پوليس کي نينگري جي ڳولا ۾ گهڻ رخي جاچ ڪري سگهجي ۽ نينگري بابت پتو لڳائي سگهجي ته اها ڪٿي آهي، جيڪڏهن ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود پوليس نينگري کي هٽ نه ڪيو ته پوءِ عدالت قانون موجب فيصلو ٻڌائيندي، ٻي طرف عدالت ٻاهران ميڊيا نمائندن سان نينگري جي امڙ مائي سوڍي مائيٽياڻي خديجه سان گڏ ڳالهائيندي چيو ته شهمير بوزدار ۽ سندس ساٿي عدالت ۾ داخل درخواست تان هٿ ڪڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن، جنهن ڪري ننڍن ٻارن سميت دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون، ميرپورماٿيلو ٿاڻي جي پوليس نينگري کي ته هٽ ناهي ڪيو پر الٽو منهنجي پيڪن جي گهرن تي چڙهائي ڪري محمد جاويد ۽ علي محمد بوزدار جا گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا آهن ۽ هڪ ويجهي مائٽ عبدالجبار کي پوليس بيگناهه ڪنيي ڪٿي گم ڪري ڇڏيو آهي، پوليس جي اهڙي ناحق سبب زندگي زهر بڻجي وئي آهي، هنن روئيندي چيو ته اسان کي ڪورٽ سگوري مان انصاف جي اميد آهي، تنهن ڪري عدالت جي حڪم تي ايف آءِ آر داخل ڪرائيندس، اسان کي اهو به نه ٿو ٻڌايو وڃي ته رابعه جي شادي ڪرائي وئي يا ڪيس پئسن عيوض وڪرو ڪري ڪنهن نامعلوم هنڌ تي رکيو ويو آهي هو زنده آهي الائي نه. آئون ان جي حياتي بابت فڪرمند آهيان.

بقايا ---- 43

پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٻٽيل ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو ته اسڪول جي بلڊنگ 2022 واري برساتي ٻوڏ سبب زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻارڙا وڻ جي هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. اسڪول جي بلڊنگ مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي، جنهن سبب اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم جهڙي زيور کان محروم ٻٽيل آهن. مظاهرين وڌيڪ چيو ته ڪافي پيرا تعليم کاتي جا بالا آفيسر اسڪول جي بلڊنگ ڏسي ويا آهن، پوءِ به بلڊنگ جو تعميراتي ڪم نه پيو ڪرايو وڃي ٺهرائي استادن ۽ ڳوٺاڻن پاران اهو به چيو ته ڪروڙين روپيا تعلقي جي بجيٽ آهي اسڪولن ۾ نه فرنيچر آهي نه اسڪولن جي ريپر ڪرائي ٿي وڃي جو اسان جا معصوم ٻارڙا تعليم پرائي سگهن، ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي عملدارن تي الزام لڳائيندي چيو ته تعليم کاتي ۾ ڪرپشن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي اسان جي تعلقي ۾ هيڏا ڪيترائي اسڪول آهن جن ۾ نه فرنيچر آهي نه ئي اسڪولن ۾ ٻيو سهولتون آهن ڳوٺاڻن جو اهو به چوڻ هيو ته اڳ به هن اسڪول جي بلڊنگ جا ڇاپڙ ڪري پيا هيو جنهن سبب هڪ استاد ۽ به معصوم ٻارڙيون زخمي ٿي پيو هيون استادن شاگردن ۽ ڳوٺاڻن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاه تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ٿي ڪجي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪرائي معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي،

بقايا ---- 44

سيد اسلم شاه سردار غلام رسول ڏونڪايي اڳوٽون ضلع ڪايونسل ميمبر غلام محمد ڪپري اڳوٽون يوسي وايس چيئرمين فتح ڪپري ڪانيو خان چانڊيو محمد موسا شاهاڻي محمد شريف شاهاڻي محمد نواز ڪاچيلو واحد مهر غلام رسول راڄڙ نور محمد راڄڙ غلام مصطفيٰ بنگلاڻي مدثر ڪونڙيو صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي اياز بنگلاڻي لعل بخش خاصخيلي نويد ڪمار کيول سرماڻي ۽ ٻين علايقي جي معزز ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيي سندس مڙهه کي سوين آلين اکين سان سيد شاه علي شاه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس تڏو ڳوٺ محمد اسلم شاهاڻي ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جوسلسلو جاري آهي هونهڏان سي ايم او عمرڪوٽ سيد ساجد حسين شاه پ پ يوسي چيئرمين رييس نصير خان ڏونڪايي راڻا ذوالفقار راجپوت محمد بخش ڪوسو اڪمل شاهاڻي سيد ڪرم حسين شاه سيد جاويد شاه عبدالخالق آرايين رفيق دوم غفور ٻهراڻي سلطان ٻهراڻي تپيدار سڪندر سيال محمدخان شاهاڻي ٻين تڏي تي پهچي محمد اسلم شاهاڻي صحافي بشير شاهاڻي صحافي سڪندر شاهاڻي سان تعزيت ڪيي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو نوجوان محمد گل جي اڇانڪ وڇوڙي تي علايقي ۾ سوڳ وار ماحول ڇانيل آهي

www.awamisoach.com
ABC Certified
Daily AWAMI SOACH Karachi
جمهوري سوچ جي ترجمان
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

نمائندا گهرجن

سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي نائب صدر پاران احتجاجي مظاهرو

مڪلي پريس ڪلب ٺٽي آڏو پارڙي سائره سومري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

چيئرمين علي محمد سومري جي هدايت تي ٺٽي سميت ٻين شهرن ۾ پڻ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

جيڪڏهن فوري طور ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو، اسان خاموش نه ويهنداسين: مظاهرين

ٺٽو (واحدشورو) شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي نائب صدر سردار عبدالجبار سومرو جي اڳواڻي ۾ مڪلي ۾ هڪ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن ۾ معصوم ناٽي سائره سومرو جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو. احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سائره سومرو جي آزادي جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي سردار عبدالجبار سومرو چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڍهرڪي ۾ ميان ارسلان، ميان نعمان، ميان سهيل ۽ ميان عاطر جي حويلي مان
اغوا ٿيل معصوم نياڻي سائرا سومرو کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي.
پاران: سردار عبدالجبار سومرو (نائب صدر شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ، پاڪستان)
vivo Y200
16-Sept-2025, 16:18
ٺٽو: شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي نائب صدر پاران مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پاڪستان ۽ ڪراچي يونين آف جرنلسٽس
ورڪرز پاران گلوبل اسٽيٽ آف
ڊيموڪريسي رپورٽ تي ڳڻتي جاري

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ) ۽ ڪراچي يونين آف جرنلسٽس ورڪرز (KUJ_W) جمهوريت جي عالمي اداري ۽ چونڊن جي سهڪاري (International IDEA) جي جاري ڪيل ”گلوبل اسٽيٽ آف ڊيموڪريسي رپورٽ 2025“ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اسلام ڪوٽ ڪان پوءِ مٺي ۾ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڊينگي وائرس جي وبا شدت اختيار ڪري وئي

ڳوٺن ۾ ڊينگي وائرس جي وبا شدت اختيار ڪري وئي ۽ سول اسپتال مٺي ۾ 90 کان وڌيڪ ڪيس ظاهر

90 کان وڌيڪ ڊينگي جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن. ڊينگي ۾ مبتلا مريضن ۾ ٻار عورتون ۽ مرد وڏي تعداد ۾ شامل آهن

پليٽ ليٽس گهٽجڻ جي علامتن سان اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن، هر روز نون ڪيسن ۾ واڌ ٿي رهي آهي: ڊاڪٽر ديال

مٺي (محمدرحيم مگريو) اسلام ڪوٽ کان پوءِ مٺي ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڊينگي وائرس جي وبا شدت اختيار ڪري وئي آهي ۽ سول اسپتال مٺي ۾ 90 کان وڌيڪ ڪيس ظاهر. سول اسپتال مٺي ۾ صرف گذريل ڪجهه ڏينهن دوران 90 کان وڌيڪ ڊينگي جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن. ڊينگي ۾ مبتلا مريضن ۾ ٻار عورتون ۽ مرد وڏي تعداد ۾ شامل آهن. تيز بخار، مٺي جو سور ۽ پليٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڊويزنل ڪمشنر فيصل احمد عقيلي پاران امتحاني مرڪزن جي حدن ۾ قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول صغير ڪالوني جهڏو، گورنمينٽ اپوا هاءِ اسڪول لڳ قلم 144 لاڳو ڪئي وئي

ڪمشنر بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ڊگهڙي جي آسپاس ۾ غير قانوني سرگرمين تي قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏي

SPORTS, FUN
HEALTH
COMMISSIONER
MIRPURKHAS
February 2025

ميرپور خاص (سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر فيصل احمد عقيلي، ڊپٽي ڪمشنر ميرپور خاص ڊاڪٽر رشيد مسعود خان جي سفارش ۽ امتحانن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڏوڪري ۾ عورت جو ڏيرن ۽ ڏوڪري پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس جي گهر

پوليس ڏيرن جي ڏر ٻڌجي گهر تي روز چڙهائي ڪري مڙس کي گرفتار ڪري دٻاءُ وجهي رهي آهي: عورت

امتياز سومرو، ممتاز سومرو، منظور سومرو ۽ ٻين کي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ ڪوهارا مان لڏائي پاڻ وٽ رهايو

ڏير محمد بخش سومرو، امتياز سومرو ۽ ٻين ڏوڪري ويجهو پنهنجي جڳهه وٺي 20 سالن کان اتي رهائش پذير آهن

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ عورت جو ڏيرن ۽ ڏوڪري پوليس خلاف احتجاج. ڏير جڳهه تي قبضو ڪرڻ ٿا چاهن، ڏوڪري پوليس منهنجي ڏيرن جي ڏر ٻڌجي گهر تي روز چڙهائي ڪري منهنجي مڙس کي گرفتار ڪري دٻاءُ وجهي رهي آهي. انصاف ڪيو وڃي. تفصيل موجب ڏوڪري جي مختياڪار پاڙي جي رهواسڻ عورت زڪيه زال محمد حسن سومرو ڏوڪري پريس ڪلب ۾ احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏوڪري پريس ڪلب تعلقو ڏوڪري
ڏوڪري: عورت ڏيرن ۽ ڏوڪري پوليس خلاف ميڊيا آڏو احتجاج ڪري رهي آهي

ڪنڊيارو شهر جي سٽي گرائونڊ ۾
همراه مئل حالت ۾ مليو، سڃاڻپ
ضمير ڪلهوڙو طور ٿي

ڪنڊيارو (رپورٽر) شهر جي سٽي گرائونڊ ۾ هڪ همراه مئل حالت ۾ مليو آهي جنهن جي سڃاڻپ ڪنڊيارو شهر جي شهباز ڪالوني جي رهواسي ڊرائيور ضمير ڪلهوڙو طور ٿي آهي شهر ڊاتسن ڪنڊيارو ۾ پرسرار نموني فوت ٿي سٽي گرائونڊ وڃڻ بابت ٻڌايو پيو وڃي ضمير حسين سٽي گرائونڊ جي هڪ ويهڻ واري بئنچ تي سٽل هيو ڪافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سامارو روڊ پرسان محمد اسلم جو پاٽيجو نيوز پيپر سول ايجنٽ بشير شاهاڻي جو سوٽ لاڏاڻو ڪري ويو

پ پ اڳواڻ سيد ذوالفقار علي شاهه جو فرزند سيد عون محمد شاهه منظور ۽ ٻين پاران تعزيت جو اظهار ڪيو ويو

صحافي برادري ۾ فيض محمد شاهاڻي اياز بنگلاڻي لعل بخش خاصخيلي نويد ڪمار ڪيول سرماڻي ڏک ونديو

عمرڪوٽ (محمد بچل) سامارو روڊ پرسان محمد اسلم شاهاڻي جو پاٽيجو نيوز پيپر سول ايجنٽ بشير شاهاڻي جو سيوٽ لاڏاڻو ڪري ويو خبر موجب سامارو روڊ پرسان نيوز پيپر سول ايجنٽ بشير شاهاڻي جو سيوٽ محمد اسلم شاهاڻي جو پاٽيجو محمد يوسف جو پٽ 20 سالن جو نوجوان محمد گل شاهاڻي لاڏاڻو ڪري ويو سندس اچانڪ وچوڙي سبب ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي سندس نماز جنازي ۾ سياسي سماجي صحافي برادري سميت آس پاس جي علائقي جي رهواسين وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي نماز جنازو مولوي پير حجت الله جان سرهندي پڙهايو سندس نماز جنازو ڳوٺ محمد اسلم شاهاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ کي ڊي ايس پي برسٽ ڪري ڇڏيو

پوليس ٽرڪ مان سامان لاهي سوزوڪي پڪ اپ ۾ فرار ٿيندڙ هڪ ڦورو علي حسن شورو کي گرفتار ڪيو

ٺٽو حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ جي هڪ ڌوهاري کي گرفتار ڪري ورتو آهي: پوليس

ڌوهاري کي گرفتار ڪري چوري ڪيل سامان برآمد ڪرڻ تي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي آهي

ٺٽو (واحدشورو) ٺٽو/حيدرآباد روڊ تي ٽرڪن مان سامان چوري ڪندڙ گينگ کي DSP جهرڪ واجد ٿهيم ۽ SHO ڪينجهر زاهد شيخ جي اڳواڻي ۾ ڪاروائي ڪندي گذريل رات پوليس ٽرڪ مان سامان لاهي سوزوڪي پڪ اپ ۾ فرار ٿيندڙ هڪ ڦورو علي حسن شورو کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 3 ڪٽا چانور، 14 ڪٽا دال، هڪ پستول ۽ سوزوڪي کي هٿ ڪري پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو: پوليس جي ڪارروائي ۾ هٿ ڪيل سامان ۽ تحويل ۾ ورتل جوابدار نظر اچي ٿو

مٺي ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڊينگي
وائرس جي وبا تيزي سان پکڙجڻ
لڳي، اختيارين خاموش

مٺي (رپورٽر) مٺي ۽ پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڊينگي وائرس جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي آهي، سول اسپتال مٺي ۾ صرف گذريل ڪجهه ڏينهن دوران 90 کان وڌيڪ ڪيس ظاهر ٿيا آهن مريضن ۾ ٻار، عورتون ۽ مرد شامل آهن جن کي تيز بخار، مٿي جو سور ۽ پليٽليٽس گهٽجڻ واري علامتن سان اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، هر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪڇي جي ٻوڏ متاثرين جا اهنج وڌي ويا، ڳوٺ مور جهبر شيخ جا سوين ماڻهون ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ڦاٿل

سوين ٻوڏ متاثرين جي سرڪار طرفان ڳوٺ جي ڊٺل پل سميت ٻئي ڪا به مدد نه ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

2010 واري مها ٻوڏ کان وٺي هن وقت تائين سمورو ڳوٺ پل نه ٺهڻ ڪري اڳ ئي مسئلن جو شڪار ٿيل آهي: اڳواڻ

سنڌ سرڪار توڙي تڪ جي چونڊيل نمائندن هن وقت تائين ڪڇي مان پڪي جي طرف ڏانهن نڪرڻ لاءِ ڪو به بندوبست نه ڪيو آهي

احمدپور (سرفراز علي ميتلو) ڪڇي جي ٻوڏ متاثرين جا اهنج وڌي ويا، ڳوٺ مور جهبر شيخ جا سوين ماڻهون ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ ڦاٿل، سرڪار پاران ڳوٺ جي لاءِ پل ۽ ٻيو رليف نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو مدد جي اپيل رپورٽ موجب احمدپور ويجهو ڪڇي واري علائقي جي ڳوٺ مور جهبر شيخ جي ٻوڏ متاثرين جا اهنج وڌي ويا سوين ٻوڏ متاثرين جي سرڪار طرفان ڳوٺ جي ڊٺل پل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي دادو ۾ احتجاجي مظاهرو

احمد علي ڏاهري ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري ڊاڪٽر منظور احمد پنهور عبدالخالق ڏاهري مظاهرو ڪيو

مسرور احمد هاليپوٽو وسيم احمد عباسي ۽ ٻين ملازمن پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي سخت نعريبازي بازي ڪئي

سنڌ حڪومت کي پنهنجو فيصلو واپسي وٺي ۽ سرڪاري رٽائرڊ ملازمن مان بيچيني دور ڪئي وڃي: مظاهرين

دادو (محمد رفيق چنه) دادو آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي ڪراچي سميت سموري سنڌ جيان ضلع دادو ۾ آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ ضلع دادو پاران دادو ۾ لائيواسٽاڪ پراڊڪش آفيس جي ٽالابندي ڪري مرڪزي اڳواڻ آپڪا آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن احمد علي ڏاهري ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري ڊاڪٽر منظور احمد پنهور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

LIVESTOCK PRODUCTION
دادو: آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

ايس ايڇ او سٽي عمرڪوٽ عطا
لغاري پاران ڊسٽرڪٽ هيڊ
ڪوارٽر اسپتال جو دورو

عمرڪوٽ (رپورٽر) ايس ايڇ او سٽي عمرڪوٽ عطا لغاري ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جو دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو. دورانيه معائنے ۾ اسپتال جي پارڪنگ ۾ بيٺل موٽرسائيڪلن جي چڪاس ڪئي، جتي گهٽيون موٽرسائيڪلون لاڪ ڪانسواءِ بيٺل مليون. ايس ايڇ او عطا لغاري چيو ته شهري پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڳڙهي خيرو ويجهو جکراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو تي پيو 2 ڄڻا قتل

ڳوٺ شادي خان جکراڻي ۾ جکراڻي برادري جي سيواڻي ۽ سناني ڌرين ۾ جهيڙو تي پيو

ذاڪر سناني جکراڻي ۽ عامر سناني جکراڻي قتل ٿي ويا، ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار هلندڙ آهي

ڳڙهي خيرو (مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو ويجهو جکراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو 2 ڄڻا قتل ٿي ويا محمد پور ٿٽي جي حد ڳوٺ شادي خان جکراڻي ۾ جکراڻي برادري جي سيواڻي ۽ سناني ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو فائرنگ ۾ 2 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي مرڪزي اڳواڻ پاران روشن الدين جوڻيجو جي لاڏاڻي تي تعزيت

قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر روشن الدين جوڻيجو جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

جمهوري قدرن ۽ عوامي خدمت کي پنهنجو شعار بڻايو، علائقائي سياست کي وڏو نقصان پهتو آهي: اڳواڻ

مٺي (محمدرحيم مگريو) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ضلعي ناظم ٿرپارڪر ارباب انور جبار پاران قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر روشن الدين جوڻيجو جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ جشن عيد ميلادالنبي ص جي سلسلي ۾ شاندار پروگرام

محمد يوسف خشڪ جي سربراهي هيٺ نهايت عقيدت واحترام سان شاندار جشن جو پروگرام منعقد ڪيو ويو

دانشور مولانا ڊاڪٽر سيد اقبال زيدي مولانا انصار ثقلين مشهدي پروفيسر ڊاڪٽر شاهده پناڻ، ڊاڪٽر خالده مهر شريڪ

خيرپور (ڪپتان رجب علي ملاح) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وآله وسلم جو شاندار پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خيرپور: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ منعقد جشن عيد ميلادالنبي ص جي پروگرام جو ڏيک

اڳوڻي ايم اين اي ۽ پ پ پ اڳواڻ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو جي والد روشن الدين جي جنازي نماز ادا

نماز جنازا ۾ خاندان جي فردن اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو، ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو ۽ ٻين جي شرڪت

ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوآدم جي چيئرمين چاچا غلام مرتضا جوڻيجو، شاهجهان جوڻيجو، ڊپٽي اسپيڪر ۽ ٻين پاران شرڪت

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم اڳوڻي ايم اين اي ۽ پ پ پ اڳواڻ ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو جي والد روشن الدين جوڻيجو جي نماز جنازا ڳوٺ سنجر جوڻيجو پٽ شاهه روڊ تي ادا ڪئي وئي. نماز جنازا ۾ خاندان جي فردن اڳوڻي ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽائون ڪاميٽي سيناڙجا جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ ڪري پريشانيون

سيناڙجا جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ ڪري رهواسي پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا

سيناڙجا ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ مڇر مار مهم شروع ڪئي وڃي ته بچاءُ ممڪن بڻجي سگهي: شهري

تعلقا نري ميرواه (رپورٽ سليم علي منگريو) ٽائون ڪاميٽي سيناڙجا جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري نه ٿيڻ ڪري رهواسي پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڊينگي ۽ مليريا جهڙين خطرناڪ بيمارين جو خطرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺلهار ٽائون ڪميٽي جو 38 ورهين جو ملازم ڊيوٽي تي ايندي هارٽ اٽيڪ سبب فوت ٿي ويو

عبدالحميد خاصخيلي مسافر بس جي ڇت مٿي ويٺل حالت ۾ ميجر هارٽ اٽيڪ سبب فوت ٿي ويو

بس ٺلهار اسٽاپ تي پهتي ۽ ڇت مٿي ويٺل مسافر نه لٿو ته ڪلينر ڏٺو ته عبدالحميد ڇت تي بيهوش پيو هو

ٺلهار (مختياراحمد ملاح) ٺلهار ٽائون ڪميٽي جو 38 ورهين جو ملازم عبدالحميد خاصخيلي ڊيوٽي تي ايندي مسافر بس جي ڇت مٿي ويٺل حالت ۾ اوچتو ميجر هارٽ اٽيڪ سبب فوت ٿي ويو. مسافر بس جي ڊرائيور فوت ٿيل جو لاش بس سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺلهار ۾ غير معياري خوراڪ جي شين جي وڪري خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

غير معياري ڪاٺ جو تيل سستي قيمت تي مقامي واپارين کي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو

غير معياري تيل جي خريد ۽ فروخت ۾ تيزي سبب شهري مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن: مظاهرين

ٺلهار (مختياراحمد ملاح) ٺلهار ۾ غير معياري خوراڪ جي شين جي وڪري خلاف شهري احتجاج ٺلهار ۾ حيدرآباد کان ايندڙ هڪ شهزور گاڏي ذريعي هزارين ليٽر غير معياري ڪاٺ جو تيل سستي قيمت تي مقامي واپارين کي وڪرو ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪنب لڳ ڳوٺ نيباهو خان پاتو جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري پريشانيون

مسئلي جي حل لاءِ استادن شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو ڪري انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي وئي

2022 واري برساتي ٻوڏ سبب زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻار ڳوٺ جي هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن: اڳواڻ

ڪنب (رپورٽر) ڪنب لڳ ڳوٺ نيباهو خان پاتو جي پرائمري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ ڪري معصوم ٻار ڳوٺ جي هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور استادن شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو ڪري انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ نينگري جي بازيابي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي، ڊي آءِ جي ۽ ٻيا پيش

ڳوٺ سردار خان بوزدار جي رهواسي نينگري رابعه بوزدار جي بازيابي لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ ٻڌڻي ٿي

ٿاڻي تي پهچي لکت ۾ پوليس کي اطلاع ڪيو آهي، پر پوليس نياڻي جي بازيابي لاءِ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي

سکر (رپورٽر) سکر سنڌ هاءِ ڪورٽ بئنچ سکر ۾ نينگري جي بازيابي لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻيا پيش ٿيا. پوليس نينگري رابعه کي پيش نه ڪيو. عدالت طرفان درخواستگذار کي ايف آءِ آر داخل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊوآدم ۾ اڳوڻي ايم اين اي ۽ پ پ پ اڳواڻ روشن جوڻيجو جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

ايم اين اي علاءُ الدين جوڻيجو سان ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ ڪمي اهم شخصيتن پاران تعزيت ڪئي وئي

ڊپٽي اسپيڪر اويس شاهه، برهان خان چانڊيو، ناياب لغاري ذيرڪ شاهه، صوبائي وزير ذوالفقار شاهه تعزيت ڪئي

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم ۾ اڳوڻي ايم اين اي ۽ پ پ پ اڳواڻ روشن جوڻيجو جي وفات تي سندس فرزند ايم اين اي علاءُ الدين جوڻيجو سان ڳوٺ سنجر جوڻيجو ۾ ڪمي اهم شخصيتن پاران تعزيت ڪئي وئي تعزيت ڪندڙن ۾ . ايم اين اي عبدالقادر گيلاني ملڪ اسد سڪندر شورو. ڊپٽي اسپيڪر اويس شاهه. برهان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊوآدم: اڳوڻي ايم اين اي روشن جوڻيجو جي وفات تي تعزيت ڪئي پئي وڃي

اڪري چوڏڳي پرسان سرڪاري ايليمنٽري اسڪول قادربخش چنو بغير بلڊنگ ۽ فرنيچر جي هلڻ لڳو

اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد بغير ڪنهن سهوليت جي پٽ تي يا کٽ تي وڻ هيٺان ويهي تعليم پرائي رهيا آهن

استادن کي پڙهائڻ ۽ شاگردن کي پڙهڻ ۾ روزانو جي بنياد تي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئي ٿو: علائقي واسي

اڪري چوڏڳي (رپورٽر) اڪري چوڏڳي پرسان سرڪاري ايليمنٽري اسڪول قادربخش چنو گذريل 45 سالن بغير بلڊنگ ۽ فرنيچر جي هلڻ لڳو سوين شاگرد وڻ هيٺان تعليم پرائڻ تي مجبور بڻيل آهن 1980 ۾ قائم ٿيل اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٿر جي جونگل موڙ قادري محلا جو رهواسي نينگر متين احمد گهر تي وڃي، وارث سخت پريشان

نينگر متين احمد پٽ احمد دين سومرو صبح کان لاپتا آهي، موبائل وٺڻ ويو ته واپس نه آيو آهي: وارث

ماءُ جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي اين سي داخل، گمشدگي واري واقعي تي وارث ۾ پريشاني ڇانيل آهي

ٿر (رپورٽر) ٿر جي جونگل موڙ قادري محلا جو رهواسي نينگر متين احمد پٽ احمد دين سومرو صبح کان لاپتا آهي وارثن موجب نينگر صبح جو گهر کان ٻاهر موبائل وٺڻ ويو ته واپس نه آيو آهي جنهن بعد ڳولا شروع ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار پاران احتجاجي مظاهرو

خليفي غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو تي ڪافي پيرا حملا ڪيا ويا

خدمتگار غلام قادر جوکيو پوليس پوسٽ جنگشاهي تي ڌمڪين واري مليل چٺي پوليس کي ڏيکاري

اهلڪارن کي مقرر ڪري ڪيس ڌمڪين واري مليل چٺي جي جانچ ڪرائي ملوثن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

ٺٽو (واحدشورو) جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار خليفي غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو تي ڪافي پيرا نامعلوم ماڻهن پاران حملا ڪري ڪين زخمي ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ڏيڻ بعد هاڻي ڪين درگاهه مان بيدخل ڪرڻ جون سازشون شروع ڪندي ڪين هڪ مهيني اندر 50 لک روپيه ڏيئي درگاهه فورن خالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: قديمي درگاهه حضرت امير شاهه جيلاني جي خدمتگار احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سربراهه د
جلال محمود شاهه جي 63 سالگره
جي موقعي تي تقريب

ٿل (رپورٽر) ٿل سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ٿل پاران سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي سربراهه سيد جلال محمود شاهه جي 63 سالگره جو پريس ڪلب ٿل ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو. تقريب ۾ موجود ساٿين ايس يو پي اڳواڻ جمال جوش ٻرڙو، ايس يو پي تعلقي صدر غلام حسين ڪنراڻي، جسقم تعلقي اڳواڻ ڪامريڊ وسيم قريشي، لياقت سرڪي، جسقم ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون ڪاميٽي راڻي جي مٿان نظرانداز ڪرڻ عام ماڻهو سوال ڪن پيا : اڳواڻ

ڳوٺ علي آباد وسڻ واڻي وڏا ڳانگهرا عباسي- سالاري ماڇي- جوکيو ڳوٺ- شهباز ڪالوني ۾ آزار آهي

ووٽ ورتا وڃن ٿا، پر پوءِ اسان کي وساري ڇڏيو وڃي ٿو، اسان جو قدر صرف ووٽ ڏيندي وقت ڪيو وڃي ٿو

بنيادي مسئلن جو حل نه ٿيڻ تائين اسان جو آواز بلند رهندو ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ اسان واضح موقف ڏينداسين

راڻيپور (منير جوڻيجو) پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون ڪاميٽي راڻي جي مٿان نظر انداز ڪرڻ عام ماڻهو سوال ڪن پيا ڪيترائي محلا اڄ به بنيادي سهولتن کان محروم استيشن روڊ - پراڻو گمبٽ راڻيپور روڊ، بارش بعد ڳچڙ گپ - نمازي شاگرد عام ماڻهو پريشان - ٽيل ڪرپشن بدعنواني خلاف نوٽس ڪير وٺندو- سوال جواب گهرجن. شهري رپورٽ موجب راڻيپور جي ڏهن وارڊن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٿٽي سميت گهوڙاباري تعلقي ۾ 9 کان 14 ورهين جي نياڻين کي ويڪسين جو سلسلو جاري

نياڻين کي سرويڪل ڪينسر کان بچاءُ لاءِ ويڪسين ڏيڻ جي مهم زور شور سان شروع ڪئي وئي

مختلف ويڪسين ٽيمون تعلقي گهوڙاباري جي ڳوٺن ۽ اسڪولن ۾ به روانيون ٿي ويون آهن: ايم ايس

TALUKA
PRESS CLUB
TPC
@VAR

گهوڙاباري (سيد شاهه خالدڏاتاري) : رورل هيلٿ سينٽر ورجي ايماندار ايم ايس ڊاڪٽر ساجد شيخ تعلقه پريس ڪلب گهوڙاباري ايٽ ور ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

حيسڪو مڪلي سب ڊويزن جي ايس ڊي سي رياض ارباب پاران مختلف علائقن ۾ ڪارروايون

ڪنڊا سسٽم ۽ غيرقانوني ڪنيڪشن ڪي ڪٽي بجلي جي تارن کي پڻ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

فورن بجلي چوري کان پاسو ڪري بجلي جا ميٽر لڳائين، جيئن بجلي جي بچت ٿي سگهي: رياض ارباب

ناريجا ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ بجلي چورن خلاف سخت ڪارروايون جاري ڪندي ڪنيڪشن ڪاٽيا

ٺٽو (واحدشورو) حيسڪو مڪلي سب ڊويزن جي SDO رياض ارباب پاران مڪلي جي ناريجا ڳوٺ سميت مختلف علائقن ۾ رينجرز ۽ پوليس جي مدد سان بجلي چورن خلاف سخت ڪارروايون ڪندي وڏي تعداد ۾ لڳل ڪنڊا سسٽم ۽ غير قانوني ڪنيڪشن کي ڪٽي بجلي جي تارن کي پڻ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. صحافين سان ڳالهائيندي SDO حيسڪو رياض /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



ٺٽو: ايس ڊي سي رياض ارباب مختلف علائقن ۾ ڪارروائي ڪري رهيو آهي

شاهه جي مشين لڳ راڻيپور جي
قديمي قبرستان مان پاڻي نه
نڪتو، اختيارين خاموش تماشائي

شاهه جي مشين (رپورٽر) شاهه جي مشين لڳ راڻيپور: قديمي قبرستان مان پاڻي نه نڪتو، جنازي کي مشڪلاتن سان دفنايو ويو برسات کي 10 ڏينهن گذرڻ باوجود به راڻيپور جي قديمي قبرستان عيسولاڪو باشاه مان پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو. جنهن سبب اڄ هڪ شهري جي جنازي لاءِ رستو بند رهيو جنازي کي قبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ پاران ٽاٽي جي ايس ايڇ او اياز ٻگهيو کي فوري طور عهدو ڇڏائڻ جو حڪم

ڳاڙهو ٽاٽي جي ايس ايڇ او اياز ٻگهيو کي فوري طور عهدو ڇڏائڻ ۽ سندس خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ايس ايڇ او 14 ورهين جي نوجوان محبوب علي گجريو ملاح کي بنا ڪنهن ڏوهه جي اغوا ڪري حوالات ۾ رکيو ويو

ٽن ڏينهن اندر ڪيس داخل ڪري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڇئن ڏينهن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي وڃي: ماڊل ڪرمنل ٽرائل

ڳاڙهو (جاويد علي خاصخيلي) ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ٺٽو پوليس گردي خلاف اهم فيصلو جاري ڪندي ڳاڙهو ٽاٽي جي ايس ايڇ او اياز ٻگهيو کي فوري طور عهدو ڇڏائڻ ۽ سندس خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت ايس ايس پي ٺٽو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي هدايت ڪئي آهي ته ايس ايڇ او کي ڪلوز ڪري ضلع ٺٽو جي ڪنهن به ٿاڻي تي پيهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميرپورخاص ضلعي ڪائونسل هال ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل مير انور علي خان ٽالپر پاران اجلاس

ويڪسينيشن، مڇر مار اسپري ۽ ضلعي ڪائونسل جي خالي پيل جاين تي عملي جي پرتي جي معاملن تي غور

عوام کي بنيادي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ترجيحن ۾ شامل آهن: انور علي خان ٽالپر

نادرا آفيس ڪوٽ غلام محمد جي عملي جي بدسلوڪي ۽ سرڪاري ملازمن جي پينشن کي روڪڻ بابت مسئلا اٿاريا ويا

ميرپورخاص (سومارسميجو) ضلعي ڪائونسل هال ۾ چيئرمين ضلعي ڪائونسل مير انور علي خان ٽالپر جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صحت ۽ تعليم جي سهولتن، جانورن جي ويڪسينيشن، مڇر مار اسپري ۽ ضلعي ڪائونسل جي خالي پيل جاين تي عملي جي پرتي جي معاملن تي غور ڪيو ويو ان موقعي تي چيئرمين مير انور ٽالپر چيو ته ٻارن کي معياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميرپورخاص: چيئرمين ضلعي ڪائونسل مير انور علي ٽالپر جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌي ادبي سنگت شاخ ملير جي
دستوري گڏجاڻي، جديد پروگرام
ڪرڻ جو وچن

ملير (د.ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ملير جي دستوري گڏجاڻي نالي واري سماج سڌارڪ قومي اڳواڻ يونس خاصخيلي جي صدارت ۾ عوامي پريس ڪلب ملير ۾ ٿي جنهن جي ڪاروائي شاخ جي سيڪريٽري اصغر مهرائي هلائي، گڏجاڻيءَ ۾ شاخ جي ڪامياب پروگرامن کي ساراهيو ويو ۽ آئنده به اهڙي نئين طرز سان جديد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو شهر جي سئنيما چوڪ، اسٽيشن روڊ، پوليس هيڊ ڪوارٽر روڊ تي گٽر ۽ ناليون اٿلي پيون

حفيظ قمبراڻي، سليم ملاح ۽ وحيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاليج روڊ تي بئنچون رکي مظاهرو ڪيو

شهر ۾ گٽر ۽ ناليون اٿلڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، 40/40 هزار روپيا دوڪانن جي مسواڙ ڀريون ٿا: اڳواڻ

روزگار ٺپ ٿي ويو ۽ بيمارين به منهن ڪڍيو، گٽرن جي گندو پاڻي بيهڻ سبب بدبوءِ سبب دوڪانن تي ويهي نه ٿا سگهون

دادو (رپورٽر) دادو شهر جي سئنيما چوڪ، اسٽيشن روڊ، پوليس هيڊ ڪوارٽر روڊ تي گٽر ۽ ناليون اٿلي پيون، دوڪانن آڏو ڊرينيج جو گندو پاڻي بيهي ويو سئنيما چوڪ وٽ آٽوز جي دوڪاندارن حفيظ قمبراڻي، سليم ملاح ۽ وحيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاليج روڊ تي بئنچون رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ميونسپل انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نئون ڪوٽ ويجهو ڳوٺ غلام صابر راجپوت ديهه 362 ۾ عيد ميلادالنبي صلی اللہ علیہ وسلم جي سلسلي ۾ تقريب

محمد ارشد شاهه چشتي صابري جهانگيري ڪمبل پوش حيدرآباد واري جي زير صدارت منعقد ٿي گذريو

12 ربيع الاول حضور صلی اللہ علیہ وسلم جي زندگي مان سبق وٺڻ ۽ سندن ٻڌايل رستي تي هلڻ جو پيغام ڏئي ٿو: اڳواڻ

تقريب ۾ ڳوٺ محمد سانوڻ شورو، آدم موري يوسي باڪر ۽ نئون ڪوٽ جي عاشقان رسول ص شرڪت ڪئي

نئون ڪوٽ (نويد ٻجير) نئون ڪوٽ ويجهو ڳوٺ غلام صابر راجپوت ديهه 362 ۾ عيد ميلادالنبي جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان محفل ميلاد جو پروگرام آل نبي اولاد علي، پير طريقت ۽ رهبر شريعت سيد محمد ارشد شاهه چشتي صابري جهانگيري ڪمبل پوش حيدرآباد واري جي زير صدارت منعقد ٿي گذريو پروگرام جي شروعات حافظ دين محمد طاهري پاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

نئون ڪوٽ: ڳوٺ غلام صابر راجپوت ديهه 362 ۾ منعقد عيد ميلادالنبي ص جي تقريب جو ڏيک

ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرزمان
جي ڪوآرڊينيٽر پاران ڪلچر ونگ جي
عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

مٽياري (رپورٽر) ايم پي اي مٽياري مخدوم فخرزمان جي ڪوآرڊينيٽر غلام اڪبر پٽو جي اڳواڻيءَ ۾ پي ايس 57 عوامي رابطه آفيس مٽياري ۾ پي پي ڪلچر ونگ ضلعي مٽياريءَ جي نون عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو ۽ نون عهديدارن کي لونگين اجرڪن ۽ گلن جي هارن جا تحفا اوڍايا ويا ان موقعي تي پي پي ضلعو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36